بدن چور چور ٿي وڃي. تنهنڪي ٻاڪٽرن وٽ وني آيا ٻاڪٽر ڏنو تہ ٿلهو متارو جوان مڙس آهي، اجايو وهم وينو آهيس، سوهڪڙو ٿلهوڏنڊوڪٽي زور سان ٻہ ٽي ڏنڊا پٺن تي وهائي ڪڍيائينس، هوگهوڙا گهوڙا ڪري اُٿي ڀڳو. ٻاڪٽر چيو تہ نہ ڇڏيوس جهلي وٺي اچوس تہ آئون هنجا هَڏَ ڀڃان (چيائين ڏس بي وقوف جيڪڏهن، تنهنجو بدن ڪانچ جو هجي ها تہ هوند هڪڙي ڏنڊي سان چورچور ٿي وڃي ها، نيٺ توبهون ڪرائي ڇڏيائينس، انهي حيلہ سان هن جو وهم ۽ خوف لهي ويو هو چڱون ڀلو ٿي هليو ويو.

مطلب تہ نفساني عوارض جو علاج ٻہ نفساني تدبيرن سان ڪرڻ گهرجي ۽ لطائف الحيل سان دفع ڪرڻ گهرجي.

ٻيو قسم آهي دوائن سان علاج ڪرڻ، دوائن سان علاج ڪرڻ ٻہ حق آهي، تدبير آهي، شرعي حڪم آهي، پاڻ سڳورن دوائون استعمال ڪيون آهي، پنهنجن اصحابن سڳورن کي ڏسيون اٿن ۽ فرمايو اٿن "لِكُلِّ دَاءٍ دَوَاءٌ فَتَدَاوُوْا يَا عِبَادَاللهِ" يعني هر هڪ بيماري لاءِ خدا تعاليٰ دوا خلقي آهي، پوءِ اوهين دوائون استعمال ڪريو، اي بندا خدا جا، تہ اوهان کي شفا حاصل ٿئي.

**نقل** آهي تہ حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کي ڪنهن وقت ڏاٺ ۾ سور پيو، حڪيمن طبيبن دوائون ڏسيون پاڻ فرمايائون اسين دوا ڪانہ ڪنداسين جنهن درد ڏنو آهي لاهڻ وارو ٻہ اهو آهي، دوائن ڪرڻ جو ضرور ڪو نہ آهي تہ روز روز سور وڌندو ويو آخر تمام عاجز ٿيو، درگاهہ الهي مان الهام ٿيو تہ اي موسيٰ ڇا تون پنهنجي توڪل سان منهنجون حڪمتون ۽ دوائون

باطل ڪرڻ گهرين ٿو؟ اهي ئي دوائون ڪنهن خلقيون آهن؟ انهن ۾ تاثير ۽ فائدا ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟ تون طبيبن جو چوڻ ڪري ڪا دوا استعمال ڪر ته فائدو ٿئي. پوءِ ڪا دوا استعمال ڪيائين يڪدم فائدو ٿيو ۽ سور ڇڏي ويو.

حڪيمن وٽ غمَ، همّ، خفقَان، توحّش ۽ خراب خيالات سودائي خلط کان پيدا ٿين ٿا ۽ انهن جو مرڪز دل ودماغ آهي. دل ۽ دماغ ڪمزور هوندو ته عوارض نفسانيه جو حملو هن تي يڪدم زوردار ٿيندو ڇوته بيماري انسان جي دشمن آهي ۽ دشمن هميشه ضعيف مورچه تي حملو ڪندو آهي جيڪڏهن ماڻهو توي طاقت وارو هوندو ته دشمن اک به کڻي نه نهاريندو، ”نزلہ برعضو ضعيف مي ريزد“ ڪليه قاعدو آهي. حڪيمن ڪتابن ۾ ۽ قرابادين ۾ ته گهڻائي علاج ۽ گهڻيون دوائون مفرحات مقويات قلب، دافع هم وغم وخفقان وسودا وخيالات پريشان بيان ڪيون آهن، چوٽي جون دوائون انهن وٽ شربت ابريشم، خميره گاوزبان عنبري مفرح يا قوتي مايش ناز نسخا آهن مگر جيتري انهن جي تعريف آهي اوترو فائدو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي اسان پاڻ ڪاڏيون آهن ۽ ٺاهي ماڻهن کي ڪارايون آهن، واڌارو ۽ مبالغو گهڻو آهي، دوڪانداري ۽ اشتهار بازي جو ته اهو اصول آهي تنهن تي مفتون ۽ مغرور نه ٿيو، حڪيمن وٽ مشهور آهي ته زعفران (ڪيسر) اهڙي مفرح شيءِ آهي جو هڪ مثقال ماڻهو ڪائيندو ته گهڻي فرحت ۽ کل سان مري ويندو.

جهانگير بادشاه هڪڙي مجرم قيدي کي مارڻ لاءِ مخفي طرح سجو تولو ڪارايو ته ڪجهه ڪو نه ٿيو. ماڻهو گهڻون ڪري قيمتي

دوائن پنيان ٻوڙندا آهن يائيندا آهن ته اسان موتين جو خاڪو يا جواهر مهرو ڪارائيندا سون ته بيمار جيرو تي ويندو. سڀ مرض ۽ بيماريون ڇڏي ويندييون مگر اهو خيال غلط آهي. بعضي مفرد ۽ ڪم قيمت دوائون گران قيمت ۽ وڏن نسخن کان بهتر ۽ ڪارگر ثابت ٿين ٿيون. انسان جي حياتي غذا تي آهي نه دوا تي، بيمار لاءِ غذا جو لقمون هزار ياقوتين کان بهتر آهي، اوهين ڪنهن ماڻهو جي غذا بند ڪريو تولو تولو موتين جو يا جواهرات جو ڪارايو ته هو جلد ئي مري ويندو برخلاف انهي جي جيڪڏهن هنڪي ماني ٽڪر ڪارائيندا ۽ اصلي بيماري دفع ڪندا هو جلد ئي چڱون ڀلو ٿيندو ۽ ڪو نه مرندو.

اسين هتي ڪي سولا ڪم خرچ بالانشين نسخا ٻڌايون ٿا اوهين موافق حال ۽ مزاج پنهنجي ڪم آڻيو ۽ ڪم خرچ ڏسي بدظن نه ٿيو، اهي بيماريون جيڪي سودائي خلط کان پيدا ٿين ٿيون تنهنجي واسطي بهترين علاج استعمال "ماءالجبن" جو آهي. سو اوهين ڪنهن حڪيم حاذق جي مشوره سان استعمال ڪريو. حڪيمن ماءالجبن ۾ اجائي گهڻي پٽاڻ ڪئي آهي، چون ٻڪري جوان هجي ڳاڙهي هجي نه تازي وياڻل هجي نه ڪانگهاري هجي، ڪاسني ڪاهو ڪائيندڙ هجي وغيره وغيره، اهي فضول ڳالهيون ته بادشاهن ۽ نوابن جي موافق آهن اوهين ماٺ ڪري ٻڪري جو کير اڌ پاءُ کڻ ڪاڙهيو جوش جي وقت هڪ چمچوسرڪه انگوري يا ليمن جو پاڻي يا گدامري جو پاڻي يا سڪنجبين ٻه ٽي تولا وجهي ٻه ٽي ٿهڪا ڏيو ته کير ڦٽي پوي يعني ڦوگ جدا ٿئي ۽ سائوپاڻي جدا ٿئي، پوءِ تلهي

ڪيڙي ڪاڏي مان چاڻي انهي پاڻي ۾ شربت افتيمون يا شربت عناب وجهي صبح جو نيراني پيو مگر کير جو اهو تونگ اوهين نه کائجو، بيو ڪو کائي ته پلي کائي، پوءِ آهستي آهستي کير ۾ کنڊ جو وزن هر روز وڌائيندا وڃو تان جو ويهن ڏينهن ۾ ۳پاءِ سيرخن تائين پهچايو. پوءِ آهستي آهستي هٽائيندا هٽائيندا چاليهن ڏينهن کان پوءِ ڇڏي ڏيو. جڏهن کير جو وزن پاءِ خن کان وڌايو تڏهن ٻه دفعا ڪري پيو، جڏهن اڌ سير کان وڌايو تڏهن ٽي دفعا ڪري پيو متان هڪ دفعي پيڻ سان بدهاضمو نه ٿي پوي، هڪ دفعو پاءِ خن پيڻ کان پوءِ ڪلاڪ ٻه ڪلاڪ صبر ڪريو جڏهن اهو هضم ٿئي وري بيو ڇڪو پيو. اهڙي طرح موافق هاضمه جي ٽي چار دفعا وارا وارا ڪري پيو ۽ منجهند جو ٻه دير سان بک لڳڻ کان پوءِ ماني يا چانور، حلواڻ گوشت سان يا سائي ڀاڄي يا مربه سان کائجو اهو "ماءالجبن" سيني سوداڻي بيمارين لاءِ چڱون ۽ مکي علاج آهي. نهايت مصفي خون دافع سوداوجنون آهي، گرمي خشڪي جي پاڙ پٽيندڙ آهي دوران استعمال ۾ مناين تيل وارين شين ۽ مغلظات خون مثلاً واڱڻ يا ڳانئو گوشت وغيره نه کائو عوارض نفسانيه کان ٻه پاڻ کي بچايه . ٻه ٽي تولا گلقند آفتابي ۾ ڪجهه سونف يا الائچي ملائي "ماءالجبن" سان کائو ته قلب جي تقويت لاءِ پڻ بهتر ٿيندو، جيڪڏهن تنقيه جي ضرورت هجي ته رات جو ماءالجبن ناهي انهن ۾ سنامڪي، جلفل، پوست هليلہ زرد وغيره دوائون موافق مزاج جي پسائي ڇمچي جيترو روغن بادام وجهي پيو، "انهي ڏينهن بيو ماءالجبن پيڻ جو ضرورر نه آهي"، ته خراب خلطن جو ڪافي تنقيو ٿيندو.

(٢) "ماءالجبن" جو بکيڙو اوهان کان نتي سگهي ته فقط افتيمون ٻه تولا خن رات جو گرم پاڻي ۾ پسائي رکو صبح جو اڌان جو ڇاڻي کو شربت ملائي پيو. پيو اڌوري اهڙي طرح شام جو پئو. يا فقط شربت عناب ٻاکري کير سان صبح وشام پئو ته "ماءالجبن" جو قائم مقام ٿيندو ۽ اهڙو ئي فائدو ڏيندو. شربت افتيمون، شربت ابريشم گاؤزبان پڻ مفيد دوائون آهن، مگر اوهين يقين ڪريو ته شربتن ۽ عرقن کان ساڳين دوائن جو نفوع يعني پساوڙو بهتر قوي العمل ۽ سريع الاثر ٿئي ٿو. بيشڪ شربت ۽ عرق خوشنما ۽ خوش خور ٿئي ٿو. نازڪ مزاجن ۽ اميرن لاءِ ڏاهڻ مناسب آهي، مگر فائده ۾ هو بهتر آهي پيو ته سودائي ۽ خفقاني بيمارين لاءِ آرام وٺڻ يعني ننڊ ڪرڻ تمام ضروري آهي جا اڪثر تفڪرات ۽ خراب خيالات کان ڦٽي پوندي آهي، هڪ هڪ رات قيامت جي ٿي گذرندي آهي تنهن لاءِ ٻه گهڻائي علاج ۽ نسخاطب ۾ مذڪور آهن جي اڪثر نقصان ڪار ۽ مضر آهن ڪن مان قبض ۽ خشڪي پيدا ٿيو پوي. ڪن مان نشو. ڪن مان بدهاضمو. جيڪڏهن اوهين موافق غذائون استعمال ڪندا ۽ معده کي نيڪ رکندا ته بهتر چڱون اثر پيدا ٿيندو. بهر حال متي تي روغن بادام يا خشخاش ياڪدو يا ڪاهو مفرداً و مرڪباً مالش ڪرڻ مفيدآهن. روغن لبوب سبعه يا اربعه ٻه حڪيمن وٽ مستعمل آهن. اهي روغنيات عام دواخانن ۾ تيار ملن ٿا. مگر انهن سيني کان سولو ۽ مجرب علاج هي آهي ته تازو ڳائو مکڻ کپهه تي پني ڪري تارون تي ڏهين ٻارهين بجه مهل رکجي ۽ سرديءَ جي موسم ۾ اُس تي وهي، مکڻ ڳرندو هيڏانهن

هوڏانهن وهي ته ٽوال سان اگهندو وڃي. وڃي پوء مٽي کي تري هٽي ڪوسي پاڻي ۽ صابڻ سان مٿو ڌوئي ڇڏي.

(٢) مغزيات جهڙو بادام، پستا، تخم خشخاش، تخم ڪاهو، تخم ڪدو، وغيره جاگهوتا ۽ ربون پڻ مستعمل آهن مگر خيال رکجو ته انهي مان بدهاضمو يا ريح پيدا نه ٿئي. مکڻ موافق هاضمه جي ماکي يا مصري سان کائڻ ۽ هر روز پاء ڏيڍ کائڻ رات جو کير پيڻ (جيترو ٻيءَ سگهي) ننڊ لاءِ نافع غذائون آهن.

(٣) ولايتي دوائن مان "سورنيل" نالي ڳاڙهيون ننڍيون ٽڪيون آهن، هڪڙي ٽکي رات جو کير سان يا پاڻي سان وٺجي ته چگون آرام ايندو خوفناڪ خواب به ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندا ، منهنجون پاڻ ڪاڌل ۽ ٻين کي ڪارايل آهن ڪو نقصان منجهن ڪو نه آهي ضرورت جي وقت يلي استعمال ڪريو ۽ هي ٽوٽڪو به ننڊ اڻڻ لاءِ مجرب آهي، ڀنگ جاپن کير ۾ گهوٽي پيرن جي تري تي ميندي وانگي ٻڌجن ته چگي ننڊ ايندي.

مغز جي طراوت ۽ **"دماغ جي تقويت واسطي"**

هي سٺو سَولو مجّرب علاج آهي مغز بادام شيرين ٧دانه، مغز پسته ٧دانه، تخم خشخاش ٦ماشه، دانه الاچي ٣ دانه، بادام ۽ پستي جون کلون لاهي رات جو چار ٿي شيون ٿوري پاڻي ۾ پسائي رکو صبح جو ڏنڊي ڪونڊي ۾ چگي طرح گهوٽي به ٽي تولا مصري ملائي ٿورو ٿورو آگر سان چٽي کائو. دماغ ضعيف ٿي ويو هجي، مغز خالي هجي، دماغ تي خشڪي، يا خشڪ کنگهه ۽ نزلو هجي ته هن جي استعمال ڪرڻ سان عوارض مذڪوره دفع ٿيندا ۽ دماغ ڏاڍي

طاقت وڌندو جيڪڏهن گرمي جي موسم هجي ۽ بيمار کي اڃ گهڻي هجي تہ اهي شيون گهوٽي گهٽون پاڻي وجهي شربت ڪري پئي. ياد رکڻ گهرجي تہ مغزيات کائڻ کان هنن جو شيرو بهتر ۽ زود هضم ٿئي ٿو. حيوانن جو مغز (ميجالو) حلواڻ دنبي يا ٻڪري يا ٻڪِين جو پچائي کائڻ دماغ جي تقويت لاءِ غذا جي غذا دوا جي دوا آهي. دماغ جي ضعف جي مکيہ علامت آهي اٿڻ وهڻ وقت متي تي ڦيري يعني پوانٽي اچڻ. اکين تي اونداهي چڙهي وڃڻ. زياده پڙهڻ يا ڳالهائڻ جي طاقت نہ هجڻ، توري گهٽي سبب سان متي ۾ سور ٿيڻ تہ سمجهو دماغ ضعيف آهي. متيان مذڪور معالجا استعمال ڪريو. ٻيو مرڪز عوارض نفسانيہ جو قلب آهي، قلب قوي هوندو تہ مخالف ڳالهين کان دلگير ۽ زود اثر پذير نہ ٿيندو، قلب جي ضعف جي علامت آهي دل جو دهڪو ۽ دل جو ٻڏي وڃڻ تنهن ڪري هتي بعضي مقويات ومفرحات قلب پڻ ذڪر ڪريون ٿا. (١) دل جي دهڪي ۽ خفقان جي واسطي شربت صندل بهترين شيءِ آهي اسانجو آزمايل آهي. صندل سفيد جو ٻورو ٨ تولہ وٺي پاءُ خن گلاب ۾ اٺ پهر پسائي رکو پوءِ گلاب ڇاڻي رکو انهي صندل ۾ وري سير خن پاڻي وجهي ٺهڪايو بہ ٽي جوش اچن ڇاڻي اڳيون پاڻي گلاب وارو بہ ساڻس ملائي ٣ پاءُ کنڊ جيرا شاهي وجهي چاش پچائي بوتل ۾ وجهو، ورق نقره بہ چاش ۾ ملايو تہ بهتر ٿيندو پوءِ صبح وشام پاڻي سان ملائي پيو.هي شربت پيشاب جي ساڙي، پرميل، سوزاڪ ۽ ذيابيطس لاءِ پڻ مفيد آهي (٢) سڀ سُرهن گلن جو سونگهڻ ۽ سُرها عرق انهن جا. مثلاً گلاب جو عرق، عرق ڪيوڙو، عرق بيد

مشڪ، عرق موتيا ۽ سريل جا گل يا ولايتي ٻير جا گل. عرق ڪڏهن
قلب جي بيمارين لاءِ خصوصا تپ ۽ بيقراري جي حالت ۾ پيارڻ يا
ڪپڙو پسائي دل دماغ تي رکڻ تمام مفيد آهن، فوراً راحت اچي
ويندي (٣) سيني ميون جا رس ۽ مربا. مربه انب، مربه صوف،
مربائي آلو بخارا، مربائي گجر پتائي خصوصاً مربائي آمله جو هڪ داڻو
ڏوئي ورق نقره ۾ لپيٽي کائڻ سيني هندستاني حڪيمن جو معمول
۽ مشهور علاج آهي، جيڪڏهن اناناس تازو ميوو ملي ته اهو چلي
وڍي گلاب يا ڪو ٻيو عرق مٿان ڇڻڪاري جيرا شاهي مٿان ٻرڪي
رات جو ولهه تي رکو صبح جو جيترو کائي سگهو کائي مٿان ٽانون ۾
بچيل پاڻي پئي ڇڏيو ته تقويت قلب، دفع خفقان لاءِ بي نظير آهي
علاوه برآن پيشاب ۾ راوو ۽ پٿري لاءِ پڻ مفيد آهي، سائي ڪش
مش جيتري کائي سگهو رات جو عرق گلاب ۾ پسائي رکو، صبح
جو هڪ هڪ داڻو چمچه سان ڪٽي کائو ۽ ٽانون ۾ بچيل پاڻي پئي
ڇڏيو، هڪ مهينو يا چاليهه ڏينهن استعمال ڪرڻ سان تمام بدن کي
۽ ٻنڌين کي طاقت ٿيندي، قبض ڪشا ۽ مقوي جگر ومعده آهي
خفقان ۽ ضعف قلب کي فائدو ٿيندو. انهن ميون جا شربت يا رب يا
رس پيڻ ماني سان کائڻ. قلب جي تفريح ۽ تقويت لاءِ نهايت نافع آهن.
مثلاً شربت انار، شربت ليمون، شربت سيب، شربت نارنج شربت
فالسه. شربت ٻهي وغيره، ياد رکڻ گهرجي ته چاش سان پچايل
شربتن کان بهتر آهي جيڪڏهن تازا ميوا هٿ اچن (جنهن جي موسم
هجي) ته انهن جو پاڻي نپوڙو ڪڍجي تنهن ۾ ڪو شربت يا کنڊ ۽
گلاب وجهي پئجي جو ته چاش پچائڻ سان انهن جا لطيف اجزا تحليل

تيو وڃن ۽ کنڊ ۾ ڪاڙهڻ ڪري غليظ تيو پوي مگر جيڪڏهن تازه ميوه جي موسم نه آهي ته لاچار رُبّ يا شربت استعمال ڪرائجي موتن جو خاڪو ته اعليٰ درجه جي شيءِ آهي. حڪيمن جو مائيه ناز، اميرن جي لائق حال وقابل استعمال تحفو آهي، مگر هن ۾ ٻن ڳالهين جو خيال ڪرڻ ضروري آهي، هڪ ته موتي سچا هجن ۽ ڪچا نندا واري جهڙا يا خسخس جهڙا نه هجن ڪم ازڪم ٻاجهري يا جوار جيڏا هجن. ٻيو ته ٻه ٽي ڏينهن گلاب ۾ پيسجن جيڪڏهن گهٽي تڪڙ هجي ته ڪرل ۾ موتين جو پاڻي ڪير جهڙو ڪري استعمال ڪرائي سگهجي تو غريبن لاءِ موتين جي بجاءِ سچي سپ آهي بلڪ نعم البدل آهي. يشب جو ڪشتو دل جي دهڪي لاءِ موتن جهڙو بلڪ انهي کان بهتر آهي منهنجو آزمايل آهي.

**ترتيب ڻاهڻ جي :-** يشبِ سائي رنگ جو جيترو ڪبي ٽانڊن ۾ تپائي ڇمٽي سان ڪٽي گلاب ۾ ٽوٻا ڏيو تان جو ستن ائن پيرن کان پوءِ اڇوچُن جهڙو ۽ نهن سان پرندڙ ٿي پوندو پوءِ گلاب ۾ پيهين سنهو خاڪو ڪري اڌ ماسو يا هڪ ماسو موافق شربت سان ڪارائجي جيڪڏهن مٿئين شربت صندل سان استعمال ڪبو ته عجيب فائدو ڏيڪاريندو.

**فائده :-** ٻياسپ معدني جواهرات. زهرمهره، عقيق، مرجان، ياقوت، وغيره انهي ترتيب سان ڪشتو ڪري سگهجن ٿا. اجايو ناياب ٿوئين يا ڇيٽن ۾ ٻاهين ڏيڻ جو ضرور ٿي ڪونهي عقيق سرخ جو ڪشتو ٻه قلب لاءِ عجيب المنفعة آهي، مٿيئن ترتيب سان ماري ڪنهن مناسب مربه يا شربت يا مفرح سان گڏي يا خالي استعمال

ڪجي ليڪن ياد رکڻ گهرجي تہ قلب سرهاڻ تي عاشق آهي جيئن
دماغ کي خوشبوءِ وڻندڙ آهي تنهنڪري ڪابہ دوا قلب ۽ دماغ جي
سرهاڻ کان خالي نہ هوڻ گهرجي تہ سرهاڻ جي طفيل دوا جو تاثير
يڪدم قلب جهٽي وٺندو ۽ فوراً فائدو ظاهر ٿيندو. جيڪڏهن نبض
جي رفتار سست ۽ حرارت غريزي ضعيف ٿي وئي هجي تہ مشڪ
خالص هڪ ٻہ رتيون ماکي ۾ حل ڪري يا مصري سان پيهي بيمار
جي وات ۾ وجهجي تہ حرارت غريزي فوراً سجاڳ ٿيندي ۽ غشي يا
بيهوشي دفع ٿي ويندي.

## دل، دماغ ۽ معده جي تقويت لاءِ

اطريفل گشنيزي بهترين شيءِ آهي، اڪثر معده کان جيڪي
خراب بخار مٿي چڙهن ٿا ۽ دل دماغ کي خراب ڪن ٿا سي بند
ٿيندا. مٿي جي ڦيري، مٿي جو سور، دل جي دهڪي لاءِ مفيد آهي،
مرض کان جيڪي بيماريون اکين ۾ ڪنن ۾، ڏندن ۾ پيدا ٿين ٿيون
سي دفع ٿينديون، پيٽ جي سور، بادي، پيچش ۽ دستن لاءِ مفيد
آهي، جريان، احتلام، سلسل بول کي پڻ فائدو ڪري ٿي، آنڊن ۾
گڙٻڙ پيٽ ۾ بادي يا بادي بواسير هوندو ۽ وضو قائم نہ رهندو
هوندو تنهن لاءِ بہ چڱي آهي، مطلب تہ هي معجون ٿوري خرچ واري
گهڻي فائدي واري آهي، اسانجو جيڪو معمول، سهل الحصول ۽ هر
شخص جي موافق نسخو آهي سو هتي لکجي ٿو. ٻار ٻچي کي، مرد
کي، زالن کي هروقت کارائي سگهجي ٿو. پوست هليلہ ڪابلي،
پوست هليلہ زرد، پوست بليلہ، پوست آملہ هليلہ سياه يعني
انجثيون (ڪاري ننڍي هريڙ) هرهڪ ۵ تولہ، وڙف ۱۰ تولہ، ڏاک

گهڻا ڏينهن اطريفلات يا ڪشتاجات. هميشہ نہ کارائجن چو تہ اهي شيون آخر آنديءَ ۾ خشڪي پيدا ڪنديون ۽ قبض جي تڪليف زياده ٿيندي.

**ڄاڻڻ گهرجي،** تہ قبض اُمُّ الْاَمْرَاضِ آهي يعني سيني بيماري جي ماءُ آهي، دل دماغ سان هن جا مخالفانہ تعلق گهڻان آهن. معده، هاضمہ ۽ اشتها واسطي تہ قاتل آهي. اڪثر چڪي جو عارضو ۽ ريح البواسير يعني بادي بواسير انهي کان پيدا ٿئي ٿو ريح البواسير اهڙي خراب سرڪش بيماري ۽ سخت غليظ واءُ آهي جو بادي شڪن دوائن سان جلابن ۽ ڦڪين سان نہ ڇڏيندو آهي جيسين اصل سبب جو دفع نہ ڪبو ۽ انهن جي پاڙ نہ پٽبي تہ تيسين جند نہ ڇٽندي پنهنجي سنڌ ملڪ ۾ اڄ ڪلهہ قبض ۽ بادي جي بيماري عام آهي انهن جي علاج ۾ غلطي غلط فهمي بہ عام آهي تنهن ڪري اسين هن تي ڪولي بحث ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا. پنهنجي سنڌ ملڪ ۾ عام غذا چانور آهن جي سخت قابض ۽ بادي آهن ۽ ايروگوشت ٻڪري جو آهي جو پڻ سودائي خلط پيدا ڪرڻ وارو آهي، ميواگهٽ آهن اهي عام ماڻهن کي پهچي نٿا سگهن برخلاف انهي جي خراسان ۾ ميوا بہ گهڻا آهن ۽ خوراڪ انهن جي دُنبہ جو گوشت. ڪڻڪ جي ماني آهي. تنهن ڪري قبض بادي گهٽ آهي. سنڌ جا وڏا ماڻهو ۽ شهرن جا رهاڪوگهڻون ڪري ميدي جي ماني، ڪباب، بيضا، بسڪوٽ ۽ ڪيڪ کائيندا آهن کيرٽي يا مناٽي تہ ماني سان ضرور هوڻ گهرجي، اهي سڀ بادي ۽ بدهاضمہ جا ڪارڻ آهن. پناڻ ماڻهو چوندا آهن. سنڌ جا ماڻهون کير نہ پين تہ سڀ بادي قبضي کان مري

وچن ها. هڪڙي طبي رسالہ ۾ ڏٺو آهيم تہ ولايت مان جيڪي دوائون اچن ٿيون تن جو اڌون حصو فقط قبضي لاءِ پيٽنٽ دوائون اچن ٿيون. انهن مان اوهين هن موذي مرض جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. غذا کان بعد وري جڏهن دوا جي منزل اچي ٿي تڏهن وري هي سخت غلطي ڪرڻ ۾ اچي ٿي تہ بجاءِ ترطيب ۽ تليئين جي جوارش جالينوس، جوارش ڪموني، فلافلي ۽ نمڪ سليماني وغيره اهڙيون گرم ۽ خشڪ دوائون استعمال ڪن ٿا جو مرڳو نقصان رسائين ٿيون جلاب هڪڙي ڏينهن دست ڪندو تہ چار ڏينهن وري سخت قبض پيدا ڪندو ڦڪين ۽ گورين جي مدامي استعمال سان تہ آڻي باقي جيڪا طبعي رطوبت آندن ۾ هوندي سا بہ فنا ٿي ويندي ۽ روز دوا جي زور سان پائخانو ڌڪيلي ڪڍڻ جي ضرورت ٿيندي اڳوڻن حڪيمن تہ قبضي جو نالوئي يبس الامعاءِ رکيو آهي يعني آندن جي خشڪي مگر هي حڪيم تہ وجہ تسميہ جو خيال بہ نٿا رکن ۽ آندن ۾ خشڪي پيدا ڪندڙ دوائون استعمال ڪرائيندا آهن. حڪيمن جو چوڻ آهي تہ عادتي قبضي لاءِ دوائون استعمال نہ ڪريو بلڪ مناسب غذا سان ميون کائڻ سان ورزش ڪرڻ سان پنهنجي طبيعت جو اصلاح ڪريو. هي قاعدو بہ ياد رکو، حڪيمن جو متفق عليہ فيصلو آهي تہ غذا سان بيماري جو علاج ٿي سگهي تہ دوائن کي ويجها نہ وڃو پر افسوس آهي جو عوام الناس نہ پر خواص الناس هن غلط فهمي ۾ مبتلا آهن (غلط فهمي نہ بلڪ ڄاڻي واڻي ڪجروي آهي) جو قيمتي ڳرين دوائن کي ۽ طول طويل نسخن کي پسند ڪندا آهن پنهنجي پيٽ کي ڇڳون خاصو پنساري جو دواخانو

بنائيندا آهن ۽ غذا جي اصلاح ڏانهن زياده توجه ڪونه ڏيندا آهن ته اسين سڀ ڪجهه کائون پيون مٿان دوا جو نرو يا چورڻ جي چپٽي، کائينداسين ته سڀ ڪجهه هضم ٿي ويندو. حالانڪ انسان جي حياتي جو ۽ تندرستي جو دارو مدار غذا تي آهي نه دوا تي. دوا ته آهي فقط بيماري جي حالت ۾ لاچاري وقت ۾ اوهين پنهنجي عقل ۽ دانائي کان ڪم وٺو صحت جي اصول تي صحيح سالم تندرست رهو. لالچي حڪيمن ۽ خود غرض طبيبن جي دام ۾ نه ڦاسو هنن کي ته اوهان سان همدردي ڪانهي، هنن کي اوهانجي جئڻ يا مرڻ سان واسطو ڪو نه آهي، هنن کي ته ڪچي سير گوشت جو چاهي اوهين مرو يا جئو. مرحوم حڪيم سيد غلام شاه (هاٿو ڪي حڪيم سيد غلام مرتضيٰ شاه جو والد شريف) نقل ڪندو هو ته ٽنڊه محمد خان ۾ هڪڙو قصاب (ڪاسائي) يرقان ۽ طحال سان بيمار هو اسانجي هڪڙي عزيز کان دوائون وٺندو هو ۽ سير گوشت جو روز در تي پهچائيندو هو. هڪڙي دفعي شاه صاحب وڏو پاڻ ٻاهر ويو هوسندس پٽ مطب هلائيندو، ماڻهن کي دوائون ڏيندو هو، انهي ڪاسائي هڪڙي ڏينهن سائس احوال ڪيو ته هيترا ڏينهن ٿيا آهن اوهانجي والد کان دوائون وٺندو آهيان مگر اڃان مونکي فائدو ڪو نه ٿيو آهي تنهن پنهنجي پيءُ جي بياض مان نسخو ڪڍي هنکي دوا ڏاهي ڏني، هو صفا چڱون ڀلو ٿيو پوءِ ته اچڻ وڃڻ ۽ گوشت ڏيڻ ۾ بند ڪيائين. شاه صاحب جو مسافري کان وٺي آيو پڇيائين، هو ڪاسائي جيڪو سير گوشت جو آڻيندو هو سو هاڻي ڇو نه ٿو اچي پٽس چيو مون هن کي اوهانجي ڪتاب تان نسخو ڏاهي ڏنو، هاڻي هو

چگون پلو آهي، چپائين هان؟ بيوقوف! مونکي انهي نسخي جي خبر
ڪانہ هئي چا، مون تہ سير گوشت لاءِ هن کي پي هلايو. تون
بيوقوفي ڪري پنهنجو سير گوشت جو بند ڪرايو. عادتي قبض
لاءِ مستقل علاج ۽ ضروري هدايتون جن تي عمل ڪرڻ سان اوهين
مستقل فائدو وٺي سگهو ٿا ۽ بغير دوائن جي تندرست رهي سگهو
ٿا، هي آهن، (١) ڪڻڪ جي ماني ڪاٺو ميده ياسنهي اٽي جي نہ
هجي ڏڏراٽي جي هجي. بهتر آهي تہ اٽو جنڊ تي پيٺل هجي سنهي
پرڻ مان ڇاڻيل نہ هجي، بازاري اٽي ۾ اڪثر ميٽ يا ڇيرولي گڏيل
هوندي آهي. جوارجي ماني بہ چڱي آهي بيمارن لاءِ هلڪي غذا آهي
پر ٻاجهري بہ گاهي گاهي پلي ڪاٺو فقط چانور ۽ چانورن جي ماني نہ
ڪاٺو جاسخت قابض آهي. (٢) بہ ٽي تولا گلقند جا ۽ بہ ٽي الاچيون
کير سان يا ڪنهن شربت سان ڪاٺبا تہ کير هضم ٿيندو بادي بہ نہ
ڪندو. علاوه بران مقوي قلب معده، مفرح، دافع رياح وهاضم
طعام پڻ ٿيندو. (٣) هليلہ ڪابلي جو مربو هڪ بہ داڻان پاڻي سان
ذوئي رات جو کير سان ڪائڻ قبض ڪشا آهي. علاوه برآن مقوي
معده ودماغ دافع ريح البواسير وقراقر امعاء آهي، حڪيمن وٽ تمام
مقبول ۽ هميشه معمول آهي (۴) اسپنگر جي تهي اڌ تولو يا ڪجھ
گهٽ وڌ شربت ڪري پيئڻ يا سردي جي موسم هجي تہ ڪوسي
کير ۾ يا چانھہ ۾ وجهي پيئڻ تمام سٺو قبض ڪشا ملين طبع آهي.
علاوه برآن مغلظ مني دافع جريان ورقت واحتلام پڻ آهي. (۵) پيو
ڪجھہ ڪري نہ سگهو تہ صبح جو نيراني خالي پاڻي هڪ اڌ
گلاس پيئڻ جي عادت ڪريو ۽ ڏينهن ۾ چار پنج دفعا ڪافي پاڻي

پيو، جو تہ پيٽ پاڻي سان پريل هوندو تہ آنڊا خشڪ نہ ٿيندا. فضلو سولائي سان پٽڙو ٿي نڪرندو ۽ خشڪ ٿي ڳنڍا ڳوڙها ڪري نڪرڻ ۾ ڏکيائي نہ ڪندو. مذڪوره شيون تہ دوائون نہ آهن. هميشہ هڪ نہ ٻئي شيءِ استعمال ڪندا رهو تہ اوهانجي طبيعت خوش رهندي، قبضي جي تڪليف نہ ٿيندي. اوهين پانيو ٽا تہ ٻہ چار هفتا يا ٻہ ٽي مهينا دوا استعمال ڪنداسين تہ عمر لاءِ قبضي بادي کان ڇٽي ويندا سين، ائين نہ آهي جيسن حياتي آهي تيسين اهي حيلا حوالا مٿا سٺا سان چالو رکندا اچو تہ حياتي جو وقت خير سان گذرندو رهندو. (٦) جيڪڏهن تپ بہ هجي يا ڪنگهہ، نزلو، پاسي جو سور، نمونيا يا سل، دق هجي تہ انهن سيني بيمارين لاءِ شربت گل بنفشہ تمام سٺو آهي هر قسم گرمي خشڪي کي دفع ڪندڙ ۽ ملين طبع، قبض ڪشا آهي، بشرطيڪ گل بنفشو پراڻو بيڪار نہ هجي.

**ٺاهڻ جي ترتيب:-** گل بنفشو ايراني آسماني رنگ، ڏهہ تولا وٺي رات جو ٻہ ٽي سيرن پاڻي ۾ پسائي رکو صبح جو ڪاڙهي باقي اڌ پاڻي رهي لاهي رکو پوءِ نپوڙي ڪپڙي مان ڇاڻي دم ساعت رکو تہ آنرجي ۽ مٽي وغيره ترو وٺي پوءِ آنريل پاڻي ۾ مصري يا جيرا شاهي کنڊ ٣ پاءِ وجهي چاش پچائي رکو اهو وزن هڪ بوتل يعني هڪ سير خن شربت لاءِ آهي وڌيڪ جيترو ٺاهيو اوهانجي خوشي، بازاري تہ ٻن ٽن تولن مان ٺاهيندا آهن. اجان بہ جيڪڏهن انهن کي مُڪَرّرَ عمل ڪريو تہ زياده مفيد ۽ قوي العمل ٿيندو، سو هيئن ڪريو جو پاءِ خن گل بنفشو وٺي ڇٺن پنجن سيرن پاڻي ۾ پسائي رکو

صبح جو اڌ گل بنفشو ڪڍي ٻاهر رکو ۽ ٻئي اڌ کي جوش ڏيو ٻن ٽن جوشن کان پوءِ جڏهن هن جو اثر نڪري وڃي اهو ڪڍي اڇلائي ڇڏيو ۽ بيو رکيل اڌ انهي پاڻي ۾ وجهي وري ٽهڪايو جڏهن بقدر مطلوب پاڻي بچي سو ڇاڻي تنهن ۾ شڪر وجهي چاش پچايو ۽ بوتلن ۾ وجهي محفوظ رکو.

**ترتيب استعمال:-** ٻه ٽي تولا انهي شربت جا عرق گاؤزبان يا خالي پاڻي ۾ ملائي پيو. اڃان ترطيب ۽ تمڪين زياده مطلوب هجي ته لعاب اسپنگر يا بهيدانه ۾ وجهي پيو.

**فائده:-** سيني خشڪ دوائن جو شربت، مثلاً گل نيلوفر، گاؤزبان، زوفا، عناب وغيرها. گل بنفشه وانگر ڏاهڻ بهتر آهي اڄ ڪلهه دوائون پنسارين وٽ اڪثر پراڻيون ضعيف الاثرورهن جون رهن ٿيون حالانڪ اهڙن گلن ڦلن جو اثر ته ٻارهين مهينه خلاص ٿي وڃي ٿو تنهن ڪري دوائن جو وزن زياده استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ شربت يا عرقيات مڪرر ڪري ڏاهڻ گهرجن ته مطلوبه فائدا حاصل ٿين جيڪڏهن قبض ڪشائي جي جلد ۽ زياده ضرورت هجي ۽ استعمال ڪرڻ جو خيال ٿئي ته هي هڪ سولو مجرب نسخو خاص عادتي قبضي لاءِ ڏاهي استعمال ڪريو. ايريو سنو صاف ونئي ڪٽي ڇاڻي گلاب ۾ حل ڪريو تنهنجو ٽيون حصو ڪتيلو ڪٽي ڇاڻي ان ۾ ملايو ڇٽي جيڏيون گوريون روغن بادام جي مدد سان ٻڌي رکو هڪ يا ٻه گوريون رات جو سمهڻ مهل پاڻي سان يا کير سان وٺو. حڪيمن جو چوڻ آهي ته ايريو جو خاص اثر هيٺين آنڊن کي ٻين جلابن وانگي نٿو نپوڙي. ڪتيلو هن جي گرمي خشڪي جو مصلح

آهي ۽ آنڊن ۾ خراش پيدا نہ ڪندو جيڪڏهن طبيعت بلغمي هجي يا ريح البواسير هجي تہ ڪتيل جي بجاءِ ان ۾ گگر ملائي گوريون ٻڌو، اوهانجي دل گهري تہ حبن کي ورق نقره ۾ يا چاش جي غلاف ۾ ويڙهي خوش خور ۽ خوش نماءِ بنائي سگهو ٿا، هي نسخو اوهانکي گهڻن اشتهاري دوائن کان مستغني ڪندڙ ۽ حاذق حڪيمن جو پسند ڪيل آهي.

**فائده :-** گهٽي وهڪ. هڪ جاءِ تي ڪرڻ خصوصاً ڪرسي تي وهڻ قبضي پيدا ڪندڙ آهي جو تہ آنڊا هميشہ حرڪت دودي سان متحرڪ يعني ڪينئڻ جهڙي رفتار سان چُر پُر ڪندڙ آهن، گهٽي وهڪ ڪري آنڊن تي بدن جو دٻاءِ پوي ٿو تہ حرڪت دودي انهن جي بند ٿيو وڃي. تنهن ڪري هلڻ چلڻ يا ات ويهہ ڪرڻ هن بيماري ۾ ضروري آهي.

## غمن جو علاج خيال ڦيرائڻ سان ۽ ٻين حلين سان

چاڻن گهرجي تہ انسان هڪڙي وقت ۾ هڪڙي آن ۾ ٻن طرفن پنهنجو خيال متوجہ ڪري نٿو سگهي، هڪڙو خيال ايندو ٻيو ويندو درياءَ جي موجن وانگي هڪڙا موج چڙهندا ٻيا لهندا چونڪ عوارض نفسانيداز قبيلہ خيالات وعقليات غير مادي ۽ غير جسماني آهن تنهن ڪري خيال ٻي پاسي متوجہ ڪرڻ ۽ فڪر ٻي طرف ڦيرائڻ هن جي واسطي زود اثر ۽ بهترين علاج آهي، دوائن کان انهن جو اثر زود تر ۽ قوي تر آهي

پهرين باب ۾ جيڪي اعتقادي ۽ روحاني علاج اوهانکي ٻڌائي آيا آهيون سي سيئي ازين قسم آهن. ٻيا ٻہ رستا ۽ حيلا خيال بدلائڻ لاءِ گهڻان آهن. مثلاً سيروسياحت ڪرڻ. ملڪن ملڪن جا عجائب وغرائب ڏسڻ. دلڪشا باغن ۽ بستانن ۾ گهمڻ. عجيب و غريب مناظر قدرت جا درياء، چشما، جبل، جهنگل، وڻ، ٽڻ، پکي پکڻ، گل ڦل ڏسڻ يارن، دوست دارن سان روح رهاڻ ڪرڻ، خوش طبع ۽ ظريف ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌڻ. گذشتہ خوش طبع ماڻهن جون آکاڻيون ۽ قصا سڻڻ. عرب ۾ ابونواس، هندستان ۾ ملا دوپيازه ۽ بيربل، سنڌ ۾ وطايہ فقير يا ڏاهرين جون ملاحت ۽ ظرافت آميز ڳالهيون مشهور معروف آهن. انهن جا ڪتاب ۽ رسالا ڏسي دل خوش ڪريو.

دوستن جي ملاقات ۽ دلدارن جو ديدار تہ بي بدل ۽ بي نظير شئ آهي. دنيا ۾ ڪا خوشي باقي آهي تہ اها دوستن جي ملاقات آهي ٻيو تہ دنيا ۾ غم ئي غم آهي. ڪا ڳالھ خوشي جي ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي، سڀ خوشيون غمن مان پريل ۽ سڀ راحتون زحمتن سان گڏيل آهن.

رسالا ۽ اخبارون مطالعہ ڪرڻ، تواريخي ڪتاب پڙهڻ ۽ اڳوڻي زمانہ ۾ بادشاهن ۽ ميرن، اهل بيت ۽ اوليائن، امامن ۽ مجهتدن عالمن تي جيڪي سخت ۾ سخت تڪليفون ۽ مصيبتون آيون ويون آهن، تن جا احوال ڏسي عبرت وٺو ۽ پنهنجي دل کي تسڪين ۽ تسلي ڏيو.

ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سان ياڪرت سان مشغول ٿيڻ ۽ دل کي وندرائڻ غم غلط ڪرڻ لاءِ بهترين علاج آهي ڇو تہ بيڪاري بيماري جي ماء آهي ۽ خراب خيالن جو گهر.

آدمي زاده چون سود بي ڪار

يا سوزد يا سود بيمار (١)

هر روز موسم جي موافق گرم يا سرد پاڻي سان وهنجڻ پاڪ صاف ڪپڙا پائڻ. مٿي کي ڪو سرهو تيل يا عطر لڳائڻ، ڏندڻ ڪرڻ، سرمون پائڻ. چونڪ اهي رواجي ڳالهيون ۽ مشهور ومعروف ڪم آهن تنهن ڪري اسين زياده طوالت ڪرڻ جو ضرور ڪو نه ٿا سمجهون. اوهين حسب الحال ڪو ڪم ڪار يا ڪا وندر ضروري ڪريو مگر ياد رکجو ته ناجائز طريقہ سان لهو ولعب ڪرڻ ۽ غير شرعي ڪمن ڪرڻ ۾ خدا تعاليٰ اوهانجي واسطي ڪا شفا ۽ دوا ڪانہ خلقي آهي، "مَاجَعَلَ اللهُ فِي مَاحَرَّمَ عَلَيْكُمْ شفاءً" خدا تعاليٰ حرام شين ۾ اوهانجي واسطي شفا ڪا نہ خلقي آهي. بلڪ جيڪي شيون حرام ڪيون آهنس انهن جو نعم البدل حلال شين مان خلقيو آهيس پوءِ ڪهڙو ضرور آهي جو حلال کي ڇڏي حرام ۾ وڃي پئو ۽ وقتي لذت لاءِ دائمي زحمت ۾ پاڻ کي ڦاسايو، حلال شين ۾ حقيقي مسرت آهي ۽ انهن ۾ ڪفايت آهي.

وَاٰخِرُ دَعْوَانَااَنِ الْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَصَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

(١) ماڻهو بيڪار رهيو ته يا چور بڻجي ويندو يا بيمارٿي پوندو.

از كراچي

# احسن الدلائل

في

# تحقيق المسائل

## هڪ مڪتوب شريف، مسئله نورانيت، بشريت، جي تحقيق ۾

درمسافري از قريه داد جروار
١٦ جمادي الاول ١٣٧٧ھ

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ

مڪرمي محترمي فضائل ماب مولوي محمد احمد صاحب سلامت باد بعد السلام عليڪم ۽ دعائن جي اوهانجو موڪليل خط (لڪيل تحرير ۽ قصيده منظومہ سان) اسانڪي پنهنجي ڳوٺ "ٽنڊوسائينداد" ۾ پهچي ويو مگر وري اسانجي روانگي جلد هن طرف مسافري تي ٿي تهنڪري جواب لکڻ ۾ دير ٿي. اوهانجو تحقيق مسئلہ نورانيت وبشريت بابت ۽ تطبيق آيات واحاديث جي اسانکي پسند آئي بيشڪ صحيح ۽ موافق مذهب اهل السنة والجماعة جي آهي، اسانجو پاڻ اهيو اعتقاد ۽ ايمان آهي جڏهن تہ اوهان اسان تي اعتبار رکي اسانجي فتويٰ ۽ اسانجو عقيدو پڇيو آهي، تڏهن اسين پنهنجو عقيدو ۽ پنهنجي فتويٰ (صحيح رستو مسلماني جو) چٽو واضح ۽ صاف صاف ڪري لکون ٿا شايد تہ ڪن مخلصن ۽ دوستن لاءِ باعث هدايت ۽ استقامت جو ٿئي.

اول هي ڳالهه به اوهانکي بخوبي معلوم هُجي ته اسين نه ديو بندي آهيون نه بريلوي نه خواه مخواه کنهن ڌرجي طرفداري ۽ تقليد تاڪريون نه هرو ڀرو تعصب وعناد.

اسين مجدّدي حنفي آهيون جنهن طرف جو مسئلو متقدمين سلف صالحين سان موافق آهي انهي سان اسين موافق آهيون ۽ جيڪو انهن جي برخلاف آهي تنهنجا مخالف انهي سبب ڪن مسئلن ۾ اسانجو ديوبندين سان اختلاف آهي، ڪن مسئلن ۾ بريلوين سان "وَالتَّفۡصِيۡلُ لَيۡسَ هٰذا مَوۡضِعَهٗ" جو ته هي ٻئي فرقا هڪ ٻئي جي مخالفت ۽ تعصب ڪري افراط ۽ تفريط ۾ تا وڃن ۽ هڪ ٻئي تي ڪفر جو فتوائون تا لڳائن.

**مسئله نورانيّت** ۾ اسانجو ايمان ۽ اعتقاد هي آهي ته سنڌن وجود مقدس سراپا نور بلڪ نور عليٰ نور هو ۽ آهي، ۽ اهو نور باعثِ ظهور عالم ۽ مصداق "لَوۡلَاکَ لَمَا خَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاکَ" آهي جيڪي صفتون ۽ تعريفون قرآن ۾ ۽ حديثن ۾ سنڌن نورمبارڪ ومنور بابت آيون سي سڀ اسانکي بسروچشم قبول آهن. سنڌس نور ته مظهر اتم ۽ باعث ايجاد عالم آهي، پر سڀ انبياء ڪرام و اولياء عظام جو نور ۽ نوراني هجڻ ضرور مڃڻ گهرجي. سڀ "نور علي نور" هوا ۽ اهي سڀ انوار هن نور اعليٰ واڪمل مان مستفاد ۽ روشن ٿيل آهن.

تنهن سان گڏ هي به ايمان ۽ اعتقاد رکڻ ضروري آهي ته اهو نور جا صفت ذاتي اوسبحانه وتعاليٰ جي آهي سا قديمي، ازلي ۽ ابدي آهي غير مخلوق ۽ غير حادث آهي نه جسماني آهي نه زماني آهي نه

مڪاني آهي ٻيا انوار سڀ مخلوق ۽ حادث آهن نہ خدا تعاليٰ جي نور جا عين آهن نہ جزو انجو. اوسبحانه وتعاليٰ جئين پنهنجي ذات پاڪ ۾ "وحده لاشريڪ له" آهي تئين پنهنجي صفات ۾ "وحده لاشريڪ له" آهي.

ازہمہ در صفات وذات جدا

لَيْسَ شَيْءٌ كَمِثْلِهٖ اَبَدًا (اعتقاد نامہ جامی)

جئين انسان کي بہ سميع، بصير، عالم ۽ حڪيم چئجي تو مگر هي فقط اشتراڪ لفظي آهي. خدا تعاليٰ جي صفت سمع وبصر، علم وحڪمت ٻي شئ آهي ۽ انسانن جي ٻي شئ "لَايُقَاسُ اَحَدُهُمَا عَلَي الْاٰخَرِ"

انبياء ڪرام واولياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام جي جسمانيت ڪا نورانيت سان منافي ۽ مخالف نہ آهي "ڪما هوزعمهم" اسانجي اکين ۾ نور بصارت جو آهي جنهن سان آسمان زمينون ۽ تمام عالم ڏسون تا ۽ اسانجي دل ۾ بہ نور بصيرت ۽ نور ايمان آهي جنهن سان انبياء ڪرام ۽ اولياء عظام کي سڃاڻون تا ۽ ايمان بالغيب آڻيون تا حالانڪ دل گوشت جو ٽڪرو آهي ۽ اکيون اسانجي جسم جا جزا آهن ۽ تہ برتہ نازڪ پردا.

**مسئله بشريّت:-** هي جاءِ بہ مزلة الاقدام آهي تنهن کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ چوڻ ۽ سمجهڻ ۾ فرق آهي. چوڻ هڪڙي شئ آهي. سمجهڻ ٻي شئ آهي. ٻنهي جو حڪم ۽ فتويٰ جدا جدا آهي. حضور جن کي خواه مخواه بشر چوڻ ۽ بشر ڪري سڏڻ بي شڪ بي ادبي آهي، ناجائز آهي، گناه آهي، اگرچہ اسين

سمجهون ٿا تہ حضور اڪرمر عليہ الصلوٰة والسلامر نوع بشرمان پيدا ٿيا هئا نہ ملائڪہ مان نہ جن يا ڪنهن ٻئي جنس مان. ڪتابن ۾ صاف صاف لکيل آهي تہ اوسبحانه وتعالىٰ کي خالق المخلوقات چئبو، خالق القردة والخنازير نہ چئبو. اگرچہ خالق انهن جو بہ او سبحانه وتعالىٰ آهي نہ ڪو ٻيو. اوهانجي والد شريف بنسبت ڪو پڇي تہ هي شخص ڪير آهي اوهانکي چوڻ گهرجي تہ منهنجو باباسائين آهي ۽ جيڪڏهن چوندا تہ هي منهنجي ماء جو مڙس آهي يقيناً اها بدتهذيبي، بي ادبي ۽ بي عزتي آهي اگرچہ في الواقع ائين آهي بہ يا مثلاً سيڪو انسان لغوي معنىٰ ڪري جانور (يعني جاندار حيوان) آهي، پر اوهين ڪنهن کي جانور چئي ڏسو تہ خبر پوي. بشر عربي لفظ آهي جنهنجي معنىٰ آهي سنڌي ۾ ماڻهو، اردو ۾ آدمي. سو اهڙو لفظ آهي جو عامر خاص ادنىٰ، اعلىٰ کي شامل آهي خدا تعالىٰ جنهن کي جهڙو شان ۽ شرف ڏنو آهي ۽ جن خاص صفتن سان ممتاز ۽ سرفراز فرمايو آهي تنهن کي ضرور انهن شاندار لقبن ۽ صفتن سان ياد ڪبو، مثلاً ڪو پيرصاحب، ڪومولوي صاحب، ڪو شاه صاحب ڪو خان صاحب، جيڪڏهن ڪو اوهانکان پڇي، هي خط ڪنهن جو آيو آهي اوهين چئو تہ هڪڙي ماڻهو جو آيو آهي تہ يقيناً اوهان منهنجي توهين ۽ بي ادبي ڪئي ۽ مونکي اوهانجو گفتگو سخت ناگوار لڳندو اگرچہ واقعي آئون ماڻهو آهيان ڀور ڍڳو نہ آهيان، پر جيڪڏهن چوندا پير صاحب، سرهندي جو آهي تہ آئون خوش ٿيندس.

هاڻي جڏهن اسين پنهنجي واسطي ۽ ٻيا ماڻهو پنهنجي واسطي اهو

اڳر بي ادبي ۽ بي عزتي جو تا سمجهڻ پوء اهو ڪير مؤمن، مسلمان هوندو، جو حضرت سرور ڪائنات مفخر موجودات ارواحنافداه لاءِ اهڙو هلڪو لفظ استعمال ڪندو يا اهڙي پاڪ هستيءَ کي پنهنجو ياء ڪري چوندو. جنهن تي اسانجون جانيون، اسانجا ماء پيءُ. اسانجا عزيز قريب سڀ قربان ڪجن، ڏسو قرآن شريف جي آيت

**ترجمه:-** (اي پيارا پيغمبر) ڇئو انهن کي جيڪڏهن اوهانجا ابا ڏاڏا ۽ پٽ اوهانجا الي اخر الاية ۽ حديث شريف ۾ آهي "لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتيٰ اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَالده وولدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ". خدا تعاليٰ مومنن کي منع ڪئي آهي ته توهين حضور اڪرم عليه الصلوٰة والسلام کي رَاعِنَا جي لفظ سان خطاب نه ڪريو. اگرچه اصحابي سڳورا خراب معنيٰ سان اهيو لفظ استعمال نه ڪندا هوا تاهم اهڙي لفظ کان جنهن ۾ احتمال بي ادبي جو آهي، استعمال ڪرڻ جي منع ٿي آهي.

اوهين ٢٦ سيپاره ۾ "سورة حجرات" پڙهي ڏسو ته ڪيتري قدر خدا تعاليٰ سندن ادب رکڻ جو تاڪيدفرمايو آهي ۽ سخت تنبيه فرمائي آهي ته اوهانجاسڀ نيڪ عمل تباه ڪيا ويندا. جيڪڏهن اوهان سندن حضور ۾ ادب سان گفتگو نه ڪئي. اسانکي کهڙو حق آهي ۽ کهڙو ضرور آهي جو خواه مخواه. گاه بيگاه حضور اڪرم سيد عالم کي بشر، بشر، چوندا وتون.

هائو ڪو شخص مثلاً نومسلم اچي تو ياڪنهن صغير بار کي تعليم ڏيون ٿا ته انکيٰ چوندا سين ۽ سمجهائيندا سين ته حضرت سرور ڪائنات، مفخر موجودات احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ عليه

افضل الصلوة والتسليمات خدا تعاليٰ جا پيارا پيغمبر نوع بشر مان هوا. انسانن مان پيدا ٿيا هوا، قبيلہ قريش ملڪ عربستان مان، مڪہ مدينہ جا ساڪن هوا نہ ملائڪ هوا نہ جن بلڪہ سيد البشر رسول الثقلين رحمة العالمين محبوب رب العلمين هوا.

بَشَرٌ لَا كَالْبَشَرِ بَلْ هُوَ كَالْيَاقُوتِ فِي الْحَجَرِ (١)

قرآن شريف ۾ جاءِ بجاءِ آيو آهي تہ ڪفّار رسولن کي پاڻ جهڙو بشر چوندا هوا ڇو تہ هنن جي نظر فقط بشريت تي قاصر هئي هنن جون اکيون نورانيت ڏسڻ کان ڇمڙي وانگي نابين هيون حالانڪ هوڪمال ۽ حسن وجمال جي صفتن ۾ سيني کان ممتاز ۽ بي مثل هوا ۽ قرآن شريف ۾ جتي مماثلت آئي آهي، سا مماثلت ني عوارض البشريت مراد آهي. جئين کائڻ، پيئڻ، شادي ڪرڻ، اولاد ڄڻڻ، خوشي ۽ غمي، بيماري ۽ تندرستي وغيرها. "فَلَا اِخْتِلَافَ وَلَاتَنَاقُضَ بَيْنَ الْاٰيَاتِ وَالْاَحَادِيْث لِاَنَّ اِثْبَاتَ الْمُمَاثَلَةِ مِنْ وَجْهٍ وَنَفْيَهَا مِنْ وَجْهٍ آخَرَ"

هي خط ڏٺو تي ويو آهي. اگرچہ گهڻيون ڳالهيون دل ۾ رهجي ويون مگر حق جي طالبن لاءِ اپتروڪافي آهي. جيڪڏهن مناسب سمجهو تہ اوهانکي ڇپائڻ ۽ اشاعت ڪرڻ جي ٻہ اجازت آهي، باقي قصيدو منظوم اوهانجو عروض جي قاعده تي موافق نہ آهي شعري

---

(١) يعني حضور جن عليه الصلوٰة بشر آهن نہ مثل بشر جي بلڪ پاڻ مثل ياقوت جي آهن جو ياقوت پٿر ۾ هوندو آهي يعني سندن بشريت نوع عليحده آهي پاڻ بشر رسول آهن نہ فقط بشر جهڙي طرح ياقوت نوع عليحده آهي نہ پٿر مثلاً کير رت مان پيدا ٿئي ٿو مگر خاص صفتن جي ڪري کير نوع علحده آهي کير کي رت نہ چئبو مثلاً مشڪ هرڻ جي ناف مان پيدا ٿئي ٿو هرڻ جي خون جو جزو آهي مگر مشڪ کي هرڻ جو خون نہ چئبو.

خاميون غلطيون منجهس گهٽيون آهن سو انهي صورت سان ڇپائڻ نه گهرجي جيڪڏهن اصلاح ۽ تصحيح ڪرائي پوءِ ڇاپايو ته اوهانجي مرضي. فقط والسلام اولاً وآخراً عبده الفقير شاه آغا عفي عنه

## ٻيو مڪتوب شريف ڪن سوالن جي جواب ۾

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ

فضائل ماب قاضي انوار احمد صاحب سلامت باد

بعد السلام عليڪم ۽ دعائن جي، اوهانجو ننڍو مختصر خط پهتو، تهن جو جواب لکجي ٿو.

**جواب نمبر١ :-** قرآن شريف جي حقيقي ۽ صحيح معنيٰ اها آهي جيڪا مفسرن سلف صالحين ڪان عربي لغت ۽ اصلاح موافق نقل ڪئي آهي، ان تي ايمان آڻڻ ۽ ويساه رکڻ فرض آهي صوفيه ڪرام جيڪي بعضي معنائون پنهنجي مشرب موافق ٻڌايون آهن سي تشبيه طور مجازي معنائون آهن مثلاً فرعون مان نفس مرادوٺڻ ۽ حضرت موسيٰ مان روح وغيرذالڪ. سي جيڪڏهن شريعت موافق آهن ته قبول ڪنداسين جيڪڏهن نه ته نه. جيئن اڳي فرقه باطنيه ۽ هن زمانه ۾ خاڪسري فرقه علامه مشرقي مخالف معنائون ٺاهيون آهن. اهو قاعدو سيني آيتن ۽ تفسيرن ۾ هر وقت يادرڪو. "كُلُّ حَقِيْقَةٍ رَدَّتْهُ الشَّرِيْعَةُ فَهِيَ زِنْدِقَةٌ" ڪليه قاعده آهي.

**جواب نمبر٢،نمبر٣ :-** ڪوشڪ نه آهي ته قرآن شريف ۾ جاءِ بجاءِ ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ جو حڪم آيو آهي ۽ وڏيون بشارتون آيل آهن، انهي حڪم جي تعميل ۽ پوءِ واري صوفياء ڪرام ڪئي آهي جو هڪ پلڪ، هڪ دم به غافل رهڻ روا نٿا رکن،

"فطوبي لهم ثم طوبي لهم". باقي هي سوال تہ هن مروجہ طريقہ موافق اشغال ۽ مراقبا اڳي ڪونہ هوا يا استاد يعني مرشد وٺڻ ضرور آهي يا نہ؟ علم ۽ فهم واري ڪان اهڙو سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿيندو. هزارين فرائض اسلامي ۽ واجبات وعبادات آهن مثلاً لکڻ، پڙهڻ پڙهائڻ، ڪتاب ڇاپڻ، مڪتب ۽ مدرسہ، حج ۽ جهاد جا اسباب ۽ طريقا جيڪي پوءِ پيدا ٿيا آهن تن سڀني ۾ استاد ۽ معلم وٺڻ ضروري آهي تہ هي بہ ائين ئي آهي. رسول ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام نہ ڪنهن کي الف، بي، تي جي فرحي پڙهائي آهي نہ اصحابن سڳورن هاڻي جيڪو چوندو تہ، فرحي تي الف خالي بي هيٺ نقطو پڙهائڻ جائز نہ آهي تہ اهو شخص بي انصاف معاند يا مڪابر آهي تنهن سان بحث ومباحثو ڪرڻ اجايو آهي. "ڪُلّ مَايَتَوَقَّفُ عَلَيۡهِ الشَّيۡئُ فَلَهٗ حُکۡمُ ذَالِکَ الشَّيۡئِ" قاعدو ڪليہ آهي. اوهانکي ڪو چوي تہ هن مروجہ طريقہ سان قرآن پڙهائڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اوهين ڪهڙو جواب ڏيندا.

فَمَا هُوَ جَوَابُکُمۡ فَهُوَجَوَابُنَا فقط والسلام

عبده فقير شاه آغا عفي عنہ ازشيخ ماندا ڪوئٽہ بلوچستان

٢ ذي الحج سنہ ١٣٧٦ هہ

## هي مضمون شيعن ۽ خارجين جي الزامن جي جواب ۾ آهي.

گذريل شعبان سنہ ١٣٧٥هہ جي مسافري ۾ اسانجي منزل ڳوٺ "داد جروار" تعلقہ ٽنڊوالهيار ۾ ٿي جتي ڪيترائي ڳوٺ جا ۽ آس پاس جا ماڻهو ملڻ آيا ۽ بيان ڪيائون تہ هاڻي هتي اسان وٽ بہ شيعن

جي ڇيڙ ڇاڙ شروع ٿي آهي سو مهرباني ڪري ان مسئلہ تي ڪجھ روشني وجهندا ۽ اسانکي صحيح رستو ڏيکاريندا.

مون هن کي چيو تہ هن مسئلہ تي اڳي ٿي ڪافي بحث مباحثہ ۽ مناظرا ٿي چڪا آهن، ٻنهين ڌرين هڪ ٻئي جي ردڪد ۾ ڪافي ڪتاب لکيا آهن. مگر اهو ڪم يعني قرآن ۽ حديث مان دليل دلائل پيش ڪرڻ ۽ تواريخي ڪتابن ۽ روايتن سان ثبوت ڏيڻ، وڏن عالمن جو ڪم آهي آئون اوهانکي هتي ٻہ ٽي ڳالهيون عام فهم، عقل ۽ انصاف سان مطابق جي سيکهن کي سمجھ ۾ اچن اوهانجي اڳيان پيش ڪريان ٿو ۽ فيصلو اوهانجي علم، عقل ۽ انصاف تي ڇڏيان ٿو.

اول اوهان سيني کي خبر آهي تہ مسلمانن ۾ ٽي مذهب يا فرقا ٿيا آهن. هڪڙو وڏو فرقو آهي اهل السنة والجماعت جو، جو سڀ اولاد اطهار. خلفاء الراشدين ۽ تمام اصحابن جا مخلص معتقد مڃيندڙ ۽ محب آهن. ٻيو فرقو اهل تشيع جو، جو معدودي چند (يعني فقط ستن ڄڻن ڪانسواء) ٻين سيني اصحابن سڳورن کي ظالم، غاصب، فاجر، فاسق يا ڪافر ۽ منافق ڪري سمجهندا آهن ۽ تبراڪندا آهن. ٽيون فرقو آهي خارجين جو، آهي ڪم بخت وري حضرت علي شاه، اهل بيت ۽ ائمہ اطهار جا مخالف، دشمن ۽ گلاخور آهن. پرهن ڳالھ تي سيني جو اتفاق آهي تہ سرور ڪائنات عليہ الصلوة والسلام خدا تعاليٰ جو پيارو برحق پيغمبر ۽ محبوب آهي ۽ اهي سندس دين مڃڻ ۽ ساڻس محبت رکڻ ۽ سندين تعظيم وتڪريم ڪرڻ پاڻ تي فرض سمجهن ٿا.

هي فطرتي ڳالهه آهي ۽ ناقابل انڪار حقيقت آهي ته انسان جنهن شخص سان محبت رکندو آهي ته انجا يار دوستدار اولاد ۽ اهل بيت سڀ محبوب ۽ پيارا ٿيندا آهن بلڪ انجي اوڙي پاڙي جاماڻهو. بلڪ انجي ڳوٺ جا ۽ ملڪ جا ماڻهو بلڪ ان ملڪ جا وڻ ٽڻ پکي پکڻ به وڻندا آهن بلڪ عاشقن وٽ ته محبوب جي در جو ڪتو به پيارو هوندو آهي.

پائے سگ بوسید مجنوں خلق گفتش اینچہ بود
گفت مجنون این سگ اندر کوئی لیلیٰ رفت بود (۱)

هاڻي اوهين پاڻ خيال ڪري ڏسو ته فطرت جي موافق عقل ۽ انصاف جي مطابق مذهب اهل السنة والجماعة جو آهي يا رافضين ۽ خارجين جو، مثلاً اوهين منهنجا مريد مخلص يا محب معتقد آهيو. مگر منهنجن عزيزن قريبن جا يا منهنجن خليفن ۽ مريدن جا دشمن آهيو. انهن کي بد شد ڳالهايو ٿا ۽ انهن سان بغض رکو ٿا پوءِ ٻڌايو ته آئون اوهانکي پنهنجو سڄڻ ۽ دوست ڪري سمجهندس يا بدخواه ۽ دشمن.

ٻيو ته سڀڪنهن ماڻهوءَ جي فضيلت ۽ قابليت يا ڪمال ۽ نقصان انهي جي مصاحبن يا شاگردن ۽ متعلقن مان معلوم ٿيندو آهي. جيئنڪ آئينده ۾ ڪنهن جو منهن ڏسجي ڪنهن به استاد جا شاگرد قابل فاضل ۽ پنهنجي فن ۾ ماهر هوندا ته هن جي استاد جي ڪماليت جو دليل ۽ قابليت جي علامت آهي. جيڪڏهن ڪنهن پير

---

(۱) يعني مجنون ڪتي جو پير چميو، خلق چيو، انهيءَ مان فائدو ڪهڙو؟ مجنون چيو ته هي ڪتو ليلا جي گهرجي گهٽي ۾ ويو هو.

صاحب جا خليفه ۽ مريد نماز گذار، نيڪوڪار ۽ تقويٰ وارا هوندا نہ سمجهڻ ۾ ايندو تہ هن جو پير ڪامل، فياض ۽ بزرگوار آهي، پنهنجي پير جي رنگ ۾ رنگجي ويا آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر يا حڪيم کي پرڪٽو هجي تہ هن جا زير علاج مريض ۽ بيمار ڏسجن تہ ڪيترا تندرست ۽ شفاياب ٿين ٿا. جيڪڏهن هزار مان نو سو پنجانوي هنجي علاج سان مري ٿا وڃن ۽ هزار مان فقط پنج شفاياب ٿين ٿا تہ يقيناً سمجهبو تہ هي ڊاڪٽر يا حڪيم جاهل، ناتجربه ڪار، قاتل النساء والرجال آهي، هاڻي اوهين خيال ڪريو تہ حضرت سرور ڪائنات مفخر موجودات سيد المرسلين خاتم النبيين آهي. جنهن جي رسالت، تبليغ ۽ هدايت عام جن ۽ بشر بلڪ تمام مخلوقات لاءِ آهي ۽ سندس دين قيامت تائين قائم ۽ باقي رهڻو آهي. اهڙي عظيم الشان هستيءَ پنهنجي سڄي عمر ۾ ۲۳ سالن ۾ فقط هڪ سؤ بہ سچن مسلمانن جو پيدا نہ ڪيو ۽ هن جي رات ڏينهن جي صحبت ۽ تعليم ۽ تربيت مان فقط ڇهن پنجن ماڻهن ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ فيض ۽ فائدو حاصل نہ ٿيو، ۽ ڪنهن کي بہ سچو مسلمان ۽ صادق اليمان بنائي نہ سگهيا. حالانڪ اسان جهڙا ناقص پير بہ هزارين جان نثار مخلص مريد ۽ سچاوفادار معتقد پيدا ڪري سگهن ٿا بلڪ قادياني جهڙا ڪوڙا مدعي نبوت جا بہ لکها مريد تابعدار پيدا ڪري سگهن. باقي سرورعالم جهڙوسچو پيغمبر خدا کي بہ سچا وفادار يار ۽ اصحاب پيدا ڪري نٿوسگهي. فياللعجب.

اهل تشيع جا! غورڪيو، خيال ڪري ڏسو تہ اهو طعنہ، اهو

عبب ڪيڏاهن راجع ٿيءُ ٿو.

اصحابن جي گلا، اصحابن جي تبرا ته في الحقيقت حضرت مصطفيٰ عليه الصلوٰة والسلام جي ئي توهين ۽ گلا آهي.

مڪش خنجر مزن برسينهٔ من   توئي دردل مبادا برتوآيد (۱)

مطلب ته حاضرين مجلس تي هن گفتگوءَ جو اثر چڱو وڌو ۽ سندن دلين مان غل غش نڪري ويو. پوءِ مون چيو اڇو ته قرآن شريف کي به پڙهي ڏسون ته خدا تعاليٰ پنهنجي ڪلام مجيد فرقان حميد ۾ ڇا ٿو فرمائي. ڇو ته قرآن شريف به سيني وٽ هڪڙو ئي آهي ۽ دنيا ۾ ٻيو قرآن آهي ئي ڪونه. باقي حديثن جا ڪتاب شيعا چوندا ته سُنين جا ٺاهيل آهن ۽ سُني چوندا ته شيعن جا ٺاهيل آهن ۽ هڪ ٻئي تي اعتبار ڪونه ڪندا. قرآن شريف جا ترجما سنڌي، فارسي، اردو، بلڪ سيني ٻولين ۾ ٿيل آهن. تنهن ڪري اوهين پاڻ قرآن شريف پڙهي ڏسو. جاءِ بجاءِ سيني اصحابن مهاجرن ۽ انصارن ۽ اهل بيت جون تعريفون ٿيل آهن ۽ هنن سان مغفرت ۽ رحمت ۽ بهشت جا واعدا ٿيل آهن ۽ هر طرح سان نعمتن جون بشارتون مليل آهن. هي بشارتون سيني لاءِ عام علي الاطلاق آهن. خاص ابوبڪر رضه. عمر رضه يا عثمان رضه يا علي ڪرم جو نالو مذڪور ڪون آهي بلڪ انهن صفتن، نعمتن ۽ بشارتن ۾ سڀ آل اصحاب شامل ۽ داخل ٿي ٿا وڃن. جيڪڏهن هن خوامخواه اهل تشيع جاخلفاء ثلاثه ۽ ٻين اصحابن کي انهن نصوصن صريحن ۽ عام بشارتن

---

(۱) خنجر نه ڪڍ منهنجي سيني تي نه هڻ ڇو ته منهنجي دل ۾ تون ئي آهين متان تنهنجو ڏک توکي نه لڳي.

ڪشي ڪان ڪمان مان متان هڻين مون   مون ۾ آهين تون متان تنهنجوئي توکي لڳي (شاهه)

ڪان ڪڍندا تہ پوءِ خارجين کي ڪهڙو جواب ڏيندا جو اُهي وري حضرت علي شاه ۽ ذريات پاڪ کي انهن آيتن ۽ بشارتن مان خارج ڪري ٿا سمجهن انهن جي جواب ۾ تہ شيعا بلڪل لاجواب ۽ حيران ٿيندا.

شڪر آهي اسانجو مذهب اهل سنة والجماعة سج وانگر روشن، صحيح، قرآن ۽ حديث جي موافق عقل، قياس ۽ فطرت جي مطابق آهي. حب آل جي اسانجو ايمان آهي ۽ عزت اصحاب جي اسانجو روح روان آهي. اسين سيني جا غلام آهيون. سڀ اسانجا سرتاج ۽ اکين جا نوردل جا سرور آهن.

جدا آل و اصحاب کب ہیں نبی سے
یہ رنگ نبی ہیں وہ بوئے نبی

شال خدا تعالیٰ اسانکي سندين محبت تي جيارني، سندين محبت تي ماري ۽ سندين محبت تي اٿاري. فقط والسّلام!

## ترتيب ختم خواجگان

اسان جي طريقہ نقشبنديہ ۾ حضرات مجدديہ ۽ خلفائي طريقہ نقشبنديه ۾ هي ختم خواجگان مشهورومعروف. باعث فيوض باطني ونزول برڪات وحصول مقامات سيروسلوڪ آهي، مقاصدديني ودنيوي، حل مشڪلات وقضاءِ حاجات لاءِ مجرب آهي قديم زمانہ کان اهيو وظيفو معمول آهي، مگر هن زمانہ ۾ هن جو رواج گهٽجي ويو آهي تنهن ڪري اسين هن جي ترتيب لکون ٿا ۽ پنهنجن مخلصن دوستن عزيزن کي هن جو تاڪيد ڪريون ٿا.

اسان جي ڏاڏي ۽ والد شريف جو طريقو هي هو تہ عصر نماز کان بعد مسجد شريف ۾ باجماعت حاضرين حلقو ڪري وهندا هوا ۽ اڇي چادر وچ ۾ وڇائيندا هوا، تنهن تي هڪ سو عدد پٿريون پکيڙيندا هوا ۽ ٻيون ڏهہ پٿريون حساب جي واسطي پنهنجي اڳيان

محفوظ رکندا هوا، پهرين ہُک کٽي باجماعت سورة فاتحہ پڙهندا هوا پوءِ درودشريف ١٠٠ ڀيراپڙهندا هوا پوءِ انهن سوپٿرين مان ٢١ پٿريون ڪڍي باقي ٧٩ پٿرين تي سورة اَلَمۡ نَشۡرَحۡ ٧٩ ڀيرا پڙهندا هوا پوءِ أهي ٢١ پٿريون وري انهن سان گڏي سوعدد پورو ڪندا هوا ۽ جماعت تي تقسيم ڪري قُلۡ هُوَاللهُ اَحَدُ شروع ڪندا هوا ۽ هزارڀيرا قُلۡ هُوَاللهُ شريف پڙهائيندا هوا وري ہک ڪٽي سورة فاتحہ پڙهندا هوا ۽ تنهن ڪان پوءِ درود شريف سوڀيراپڙهي لَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّابِاللهِ ٥٠٠ ڀيرا پڙهندا هوا وري درود شريف سوڀيرا پڙهي. حَسۡبُنَا اللهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡلُ پنج سؤ ڀيرا پڙهندا هوا. وري درودشريف سؤڀيرا پڙهي لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنۡتَ سُبۡحَانَكَ اِنِّيۡ كُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ پنج سؤ ڀيرا پڙهندا هوا ۽ درود شريف سؤڀيرا پڙهي يَا قَاضِيَ الۡحَاجَاتِ، سؤ ڀيرا، يَا كَافِيَ الۡمُهِمَّاتِ سؤڀيرا، يَاكَاشِفَ الۡمُشۡكِلَاتِ سوڀيرا، يَادَافِعَ الۡبَلِيَّاتِ، سوڀيرا، يَا مُجِيۡبَ الدَّعۡوَاتِ سوڀيرا. يَاشَافِيَ الۡاَمۡرَاضِ سو ڀيرا يَا اَرۡحَمَ الرَّاحِمِيۡنَ سؤ ڀيرا پڙهي ختمون پوروڪندا هوا پوءِ ايصال ثواب ۽ پچاڙي ۾ دعا هن طرح پڙهندا هوا.

الٰہی تو قبول گردان ثواب این ختمات مبارکات بروح پر فتوح حضرت محمد مصطفیٰ احمد مجتبیٰ صلی اللہ علیہ وسلم واہلبیت اطہار الیشان واصحاب اخیار الیشان وتابعین الیشان خصوصاً ثواب ختم اول (یعنی قُلۡ ھُوَاللہُ اَحَدُ) بروحانیت حضرات خواجگان نقشبندیہ قدس اللہ تعالیٰ اسرار ہم۔ از حضرت صدیق اکبر رضی اللہ عنہ تا بہ مرشدی ومولائی خواجہ محمد حسن جان (يا جيڪو سندس پيرمرشد هجي انهي جو نالو وٺي) برسان

حِفْظُهُمَا ج وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ● (تي پيرا) ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ بَعْدِ الْغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآئِفَةً مِّنْكُمْ لا وَطَآئِفَةٌ قَدْ اَهَمَّتْهُمْ اَنْفُسُهُمْ يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ ط يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ط قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ط يُخْفُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ لَكَ ط يَقُوْلُوْنَ لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا ط قُلْ لَّوْ كُنْتُمْ فِيْ بُيُوْتِكُمْ لَبَرَزَ الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقَتْلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ ج وَلِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَلِيُمَحِّصَ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ط وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ● مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ط ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ صلے وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْاَهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ط وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ● رَبِّ سَهِّلْ وَيَسِّرْ وَلَا تُعَسِّرْ عَلَيْنَا بِحَقِّ الف باتاثاج حاخا دذرازاس ش ص ض طا ظاع غ فا ق ك ل م ن واهالام الف همزه يا-

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يَا عَلِيُّ يَا عَظِيْمُ يَا حَلِيْمُ يَا عَلِيْمُ اَنْتَ رَبِّيْ وَعِلْمُكَ حَسْبِيْ فَنِعْمَ الرَّبُّ رَبِّيْ وَنِعْمَ الْحَسْبُ حَسْبِيْ تَنْصُرُ مَنْ تَشَآءُ وَاَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَلِيْمُ نَسْئَلُكَ الْعِصْمَةَ فِي الْحَرَكَاتِ وَالسَّكَنَاتِ وَالْكَلِمَاتِ وَالْاِرَادَاتِ وَالْخَطَرَاتِ مِنَ الشُّكُوْكِ وَالظُّنُوْنِ

وَالْأَوْهَامِ السَّاتِرَةِ لِلْقُلُوْبِ عَنْ مُّطَالِعَةِ الْغُيُوْبِ فَقَدِ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ط وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنَافِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اِلَّا غُرُوْرًا فَثَبِّتْنَا وَانْصُرْنَا وَسَخِّرْلَنَا هٰذَا الْبَحْرَ كَمَا سَخَّرْتَ الْبَحْرَ لِمُوْسٰي عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ النَّارَ لِاِبْرَاهِيْمَ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ الْجِبَالَ وَالْحَدِيْدَ لِدَاوٗدَ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ الرِّيَاحَ وَالشَّيٰطِيْنَ وَالْجِنَّ وَالْاِنْسَ لِسُلَيْمَانَ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ الْبُرَاقَ وَالثَّقَلَيْنِ لِسَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَسَخِّرْلَنَا كُلَّ بَحْرٍ هُوَلَكَ فِي الْاَرْضِ وَالسَّمَاءِ وَالْمُلْكِ وَالْمَلَكُوْتِ وَبَحْرَ الدُّنْيَا وَبَحْرَ الْاٰخِرَةِ وَسَخِّرْلَنَا كُلَّ شَيْءٍ يَامَنْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ كٓهٰيٰعٓصٓ كٓهٰيٰعٓصٓ كٓهٰيٰعٓصٓ اُنْصُرْنَا فَاِنَّكَ خَيْرُ النَّاصِرِيْنَ وَافْتَحْلَنَا فَاِنَّكَ خَيْرُ الْفَاتِحِيْنَ وَارْزُقْنَا فَاِنَّكَ خَيْرُ الرَّازِقِيْنَ وَاغْفِرْلَنَا فَاِنَّكَ خَيْرُ الْغَافِرِيْنَ وَارْحَمْنَا فَاِنَّكَ خَيْرُ الرَّاحِمِيْنَ وَاهْدِنَا وَنَجِّنَا مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِيْنَ وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رِيْحًا طَيِّبَةً كَمَا هِيَ فِيْ عِلْمِكَ وَانْشُرْهَا عَلَيْنَا مِنْ خَزَائِنِ رَحْمَتِكَ وَاحْمِلْنَا بِهَا حَمْلَ الْكَرَامَةِ مَعَ السَّلَامَةِ وَالْعَافِيَةِ فِي الدِّيْنِ وَالدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ط اِنَّكَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط اَللّٰهُمَّ يَسِّرْلَنَا اُمُوْرَنَا مَعَ الرَّاحَةِ لِلْقُلُوْبِنَا وَاَبْدَانِنَا وَالسَّلَامَةِ وَالْعَافِيَةِ فِيْ دِيْنِنَا وَدُنْيَانَا وَكُنْ لَّنَا صَاحِبًا فِيْ سَفَرِنَا وَخَلِيْفَةً فِيْ اَهْلِنَا وَاطْمِسْ عَلٰي وُجُوْهِ اَعْدَائِنَا وَامْسَخْهُمْ ٥ عَلٰي مَكَانَتِهِمْ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ الْمُضِيَّ وَلَا الْمَجِيْءَ اِلَيْنَا وَلَوْنَشَاءُ لَطَمَسْنَا عَلٰي

فِي السَّمَاءِ وَهُوَالسَّمِيعُ الْعَلِيْمُ (ٽي ڀيرا) وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ (ٽي ڀيرا) اِنَّ اللهَ وَمَلٰئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَي النَّبِيِّ يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ط وَصَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلَّمَ.

## اختتام حزب البحر

يَااَللهُ يَااَللهُ يَانُوْرُ يَانُوْرُ يَاحَقُّ يَامُبِيْنُ اُكْسُنِيْ مِنْ نُّوْرِكَ وَعَلِّمْنِيْ مِنْ عِلْمِكَ وَفَهِّمْنِيْ عَنْكَ وَاسْمِعْنِيْ مِنْكَ وَابْصِرْنِيْ بِكَ اِنَّكَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ يَاسَمِيْعُ يَا عَلِيْمُ يَاحَلِيْمُ يَا عَظِيْمُ اِسْمَعْ دُعَائِيْ بِخَصَائِصِ لُطْفِكَ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَاتِ مِنْ شَرِّ مَاخَلَقَ يَا عَظِيْمَ السُّلْطَانِ يَا قَدِيْمَ الْاِحْسَانِ يَادَائِمَ النِّعَمِ يَا بَاسِطَ الرِّزْقِ يَا وَاسِعَ الْعَطَاءِ يَا دَافِعَ الْبَلَاءِ يَا سَامِعَ الدُّعَاءِ يَا حَاضِرًا لَيْسَ بِغَائِبٍ يَا مَوْجُوْدًا عِنْدَالشَّدَائِدِ يَا خَفِيَّ اللُّطْفِ يَالَطِيْفَ الصُّنْعِ يَاجَمِيْلَ السَّتْرِ يَا حَلِيْمًا لَا يَعْجَلُ يَا جَوَادًالَايَبْخَلُ اِقْضِ حَاجَاتِيْ يَامَنْ لَهُ الْاَمْرُ كُلُّهٗ اَسْئَلُكَ مِنَ الْخَيْرِ كُلِّهٖ وَاَعُوْذُبِكَ مِنَ الشَّرِّكُلِّهٖ يَا مُجِيْبُ اَجِبْ دَعْوَتِيْ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ط

## ترتيب زكوٰة
## حزب البحر جي

ٻارهن ڏينهن روزاركي (مهينو ڪهڙوبہ هجي تاريخون ڪهڙيون بہ

هجن) ۽ جلالي جمالي شين کان پرهيز ڪري يعني گوشت ۽ کير ۽ بيضا نہ کائي فقط ماني يا ڇانور ڏڌ سان يا ٻاجي سان کائي پوءِ هرروز غسل ڪري ۽ پاڪ اجاڪپڙا پائي ٻاهر شهر کان جتي ماڻهن جي گهٽي آمدورفت نہ هجي مسجد جي بنا وانگي پٽ تي چاڪو سان يا




ڪاتي سان ليڪا ڪڍي ۽ مسجد ۾ اندر وڃڻ لاءِ واٽ ڇڏي اندر وڃي پوءِ اهو در بہ بندڪري ڇڏي ليڪن ڪڍڻ وقت بہ آية الڪرسي ۽ بسم الله پڙهندو رهي ۽ ڪجهہ خوشبوئي بہ پاڻ سان رکي پوءِ اهو در مسجد جي ليڪن وارو بہ ليکي سان بند ڪري ساڄو قدم پهنجو اول مسجد ۾ رکي ڇهہ رڪعتون نفل پڙهي ٻن رڪعتن جو ثواب حضور اڪرم عليہ الصلوٰة والسلام جي روح مبارڪ کي بخشي وري ٻہ رڪعتون پڙهي ثواب انجو جميع اولياء وانبيا کي بخشي وري ٻہ رڪعتون پڙهي ثواب انجو مصنف حزب البحر شيخ ابوالحسن شاذلي رحمۃ الله عليہ بخشي پوءِ باقاعده حزب البحر اشارن ۽ ترتيب موافق ٣٠ پيرا پڙهي اول ۾ ٣ پيرا اعتصام واري دعا ٣ پيرا اختتام جي دعا پڙهي سجدو ڪري ۽ سجده ۾

پنهنجي مشڪلن ۽ مطلبن لاءِ دعائون گهري ليڪي ڪان ٻاهر نڪري ۽ ليڪا ڏاهي ڇڏي اهڙيطرح ١٢ ڏينهن ڪم ڪري پوءِ هرروز هڪ دفعو صبح جو ۽ هڪ دفعو شام جو پڙهندو ڪري تمام مشڪلات ديني ودنيوي لاءِ اهو مجرب ۽ معمول وظيفو آهي

اسانجا والد صاحب فرمائيندا هوا جيڪو زڪوات ڪڍي نہ سگهي تہ پلي بغير زڪواة جي پڙهڻ جي موڪل آهي ۽ عام مسلمانن کي (خواه مرد هجن يا زالون) اجازت ڏنل آهي. وري خاص اسان وٽ اچڻ ۽ اجازت وٺڻ جي ضرورت نہ آهي. عبده فقير عبدالله عرف شاه آغاعفي عنہ

# مخـــزن الـعلـوم

## حصــو

## علـم تعويذات

جو

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰي سَيِّدِالْمُرْسَلِيْنَ وَاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

هتي بعضي انگريزي خوانده مغرب زده ضعيف الاعتقاد ماڻهن جي هدايت لاءِ هي مضمون لکڻ گهران ٿو جن جو فلاسفرن ۽ ڊاڪٽرن جي قول تي قرآن شريف ۽ حديثن کان زياده اعتقاد ۽ اعتماد آهي ۽ چون ٿا ته دوائن کائڻ کانسواءِ ڦيڻن ۽ تعويذن ٻڌڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو آئون خود انهن جي قولن سان ۽ تجربن سان ڪي مثال ۽ دليل پيش ڪريان ٿو جن تي انهن جو ايمان ۽ اعتماد آهي.

سيني حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جو هن تي اتفاق آهي ته بعضي بيمارين ۾ انسان جي تنفس ۽ ساهه کڻڻ ۾ اهڙو اثر ٿئي ٿو جو بين چڱن ڀلن ماڻهن کي به بيمار ڪري وجهي ۽ انهن جي ساهه ۾ هزارين جراثيم آهن جن کي اسين بغير دوربين جي ڏسي نه ٿا سگهون. مونکي ٻڌايو هي اثر هن جي دم ۾ پساهه ۾ ڪٿان آيو

**دَلِيْلُ پهريون:-** حاذق حڪيم الملک اجمل خان لکيو آهي ته جيڪو ماڻهو (ٽي بي) سلهه جو بيمار هجي اهو هڪڙي پولڙي کي پاڻ سان سمهارڻ تي هيرائي ته انجي تنفس سان هنجي بيماري دفع ٿي ويندي.

**ٻيو مثال:-** نانگ کي جيئرو ڪنهن انڪل سان وٺي هنجي ڳچيءَ ۾ ڏاڳو(١) زورسان ٻڌي گهوگهوڏئي مارجي پوءِ اهو ڏاڳو چوڙي پاڻ وٽ محفوظ رکي، ڪنهن کي خناق جي سخت بيماري پيدا ٿئي ته اهو ڏاڳو هنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي، خناق لاءِ بهترين علاج آهي، مون کي ٻڌايو ته ڏاڳو نانگ کي ٻڌل، انسان جي خناق کي ڇو اثر ڪري ٿو (ذڪره الحڪيم شريف خان دهلوي)

**ٽيون مثال:-** زهر دار نانگن جا ڪي اهڙا قسم آهن جو انهن جي فقط نظر ڪرڻ سان ماڻهو مريو وڃن پوءِ جيڪڏهن ماڻهوءَ جي نظر ڪنهن بارڪي لڳي ته ڪهڙو عجب آهي حالانڪ نظرجو تاثير حديث سان ثابت آهي.

**چوٿون مثال:-** تر جي ملڪ ۾ اوهان ٻڌوهوندو ته هڪڙي قسم جي بلا آهي جنهن کي پيڻ چوندا آهن. سُتل ماڻهو جي مُنهن تي اچي هن جو ساهه چوسي وٺي ٿي ۽ ماڻهو يڪدم مريو وڃي ٿو. هن جو دفعيه علاج ٿري ماڻهن وٽ هي آهي ته ڪچو بصر سمهڻ مهل ماڻهو پنهنجي پاسي ۾ ٽي ڳنڍيون رکي ڇڏيندا آهن يا ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن ان جي باس کان اها بلايڇي ويندي آهي ويجهو نه ايندي آهي مونکي ٻڌايو ته هي نقصان ۽ فائده ڇو ٿو ٿئي.

**پنجون مثال:-** بيش يعني ٻِڇَنانگ هڪ زهريات جي ٻوٽي آهي جنهن جي ويجهو ڪو جانور ايندو ته مري ويندو بلڪ هن

---

(١) مونکي هي ڏاڳوا رعشان مان مرحوم صاحبزاده عبدالحڪيم جان کان هٿ آيو هو جو مون وٽ گهڻا سال محفوظ رکيو هو، هاڻي مونکان گم ٿي ويو آهي تجربه ڪرڻ جو موقعو نه مليو.

ٻوٽيءَ جي آس پاس ڀي ڪابہ سبزي ۽ ٻوٽي پيدا ٿي نہ ٿي سگھي، مينھن جي سنگ تي ٿورو گھي لڳائبو تہ مينھن جي ٿڻ مان بجاءِ کير جي رت ايندو. مون کي ھدايو دوا سنگن کي لڳي ۽ ھن جي ٿڻ مان رت آيو سوچو؟

اسانجي ڳوٺ ٽنڊوسائينداد ۾ ھڪڙو شخص غير مسلم ڪولھي قوم مان آھي، جو پٽون (وڇون) جي جھاڙ وجھندو آھي ڪيترا ماڻھو ھن کان جھاڙ وجھارائيندا آھن ۽ يڪدم سور ڇڏي ويندو آھي.

ھي سڀ ڳالھيون اوھين مڃيو ٿا باقي ڪنھن مؤمن جي دم ڪرڻ ۽ تعويذ جي فائدي ۾ شڪ شبھو ڪريو ٿا اھا تہ نھايت بي انصافي ۽ سينہ زوري آھي.

**نقل:-** نقل آھي تہ بخارا جو بادشاھ سخت بيمار ٿيو. اھو زمانو شيخ بوعلي سينا جو ھو علاج لاءِ بوعلي سينا گھرايون تنھن کان اڳي ھڪڙي بزرگ شخص کي دُعا ۽ ڦيٽڻ وجھڻ لاءِ گھرايو ويو ھو جنھن وٽي پڙھيو ۽ دم ڀي ڪيو. بوعلي سينا جو اچي پاسي ۾ ويٺو، سو مُرڪي پيو ۽ کلي پيو تہ ھن ڦيٽڻ ۽ ھٿ گھمائڻ سان ڪھڙو فائدو ٿيندو. دوائون کائي تہ فائدو ٿئي. بزرگ مذڪور ھن جي مسخرين مان سمجھي ورتو، ھو تي سخت ڳالھاءِ بوعلي سينا کي روبرو ئي ڏئي ڪديائين، چيائين مون ڀانيو تہ بوعلي سينا ڪو دانا ۽ حڪيم شخص آھي پر آھي وڏونادان ۽ احمق. حڪيم بوعلي سينا تپي ڳاڙھو ٿي ويو ۽ وات مان گجي ۽ گڦ اچڻ لڳس مگر بادشاھ جي خوف کان، جو بزرگ جو معتقد ھو ماٺ ڪري ويھي

رهيو ۽ ڪجھ ڪري نہ سگھيو تڏهن بزرگ صاحب بوعلي سينا ڏي مخاطب ٿي چيو، مون توکي ڇا چيو، ڪولٽ ڏڪو هيئم؟ خالي ٻہ ٽي لفظ چيم جي توکي نہ لڳا نہ ايذا ڏنو تنهن سان تنهنجي حالت اهڙي متغير ٿي وئي، جو تنهنجي شڪل ۽ صورت بدلجي وئي، جيڪڏهن منهنجن ڪن لفظن جي ٻڌڻ سان بادشاه جي طبيعت بدلجي وڃي تہ ان ۾ ڪهڙو عجب آهي.

عالمن چيو آهي تہ انسان جي ڪلام ۾ اهڙو اثر آهي جهڙو ترار ۽ بندوق ۾ آهي ڪما قال شاعرهم

جَرَاحَاتُ السِّنَانِ لَهَا الْتِيَامٌ وَلَا يَلْتَامُ مَاجَرَحَ اللِّسَانُ (١)

۽ پوءِ خدا تعاليٰ جي ڪلام ۾ يا اوليائن جي نالن ۾ تاثير دفع ضرر هجي تہ ڪهڙو عجب آهي ۽ ڪهڙو اعتراض آهي.

**مسئله:-** ڦيٽي وجهڻ تي يا تعويذ لکڻ تي اجورو وٺڻ دُرست آهي. تنهنجو دليل اهو قصو آهي جو حديث شريف ۾ آيو آهي هڪڙي جماعت اصحابن جي هڪڙي ڳوٺ ۾ منزل انداز ٿيا، ڳوٺ وارن نہ هنن کي جاءِ ڏني نہ ماني کارائي لاچار هڪڙي ميدان تي رات گذارڻ لاءِ پاٿاري ڪيائون تہ هڪڙو شخص ڳوٺ مان ڊوڙندو آيو چيائين ڳوٺ جي رئيس کي نانگ ڪاڏو آهي اوهان ۾ ڪو جهاڙ وجهڻ وارو آهي. چيائون هائو جهاڙو جهنداسين پراوهانجو رئيس ڏڻ وارو آهي، اسانکي اجورو ٻڪرين مان ڏيندو تہ پوءِ ڪنداسين، آخر ڏهن ٻڪرين تي يا چاليهن ٻڪرين تي فيصلو ٿيو (مونکي هينئر اهو عدد ياد نہ آهي بهر حال سورة الحمد سان هن تي جهاڙ وڌي، هو چڱو

---

(١) يعني تيرن جا ڦٽ ڇٽي سگهن ٿا. باقي جيڪي زبان جا ڦٽ آهن سي نہ ڇٽن.

پلوتيو ۽ هڪڙي ٻڪري ڪُهي ڪباب ڪري کاڌائون هڪڙي اصحابي چيو آئون ڪونہ کائيندس جيسين رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم اجازت نہ ڏيندو. رسول الله صلي الله تعالي عليہ وسلم اجازت ڏني ۽ چيائين اوهين پلي کائو منهنجي پُتي بہ رکجو. اهڙو جائز مبارڪ مال ڪو هيو، جنهن مان خود رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم کاڌو هجي.

## فصل اول بيمارين جي علاج ۾

سيني بيمارين جي ماء تپ آهي، تپ اهڙي عام بيماري آهي جا سڀ ڪنهن بيماري سان گڏ ناخوانده مهمان وانگي "مان نہ مان ميں تيرا مهمان" ٿيندي آهي انسان جي بدن ۾ ڪهڙي بہ عضوي ۾ تڪليف ٿيندي آهي تہ انهي سان تپ ضرور شامل ٿيندو ۽ انسان کي وري اهڙو ضعيف ڪندي آهي. جو هڪڙي تپ سان سڄي سال جو ضعف پيدا ٿيندو آهي انهي سبب ڪري حديث شريف ۾ آيو آهي حمي يوم ڪفارة سنة يعني هڪڙي ڏينهن جي تپ سان سڄي سال جا گناه ميٽجي ويندا آهن. تڏهن اسين سيني بيمارين مان پهرين تپ جو علاج مقدم ڪري لکون ٿا پوء ٻين بيمارين جو علاج بترتيب اطباء يوناني ازسر تاپا لکنداسين.

## اقسام حميات

تپن جاتمام گهڻان قسم آهن، جي طب جي ڪتابن ۾ مفصل مذڪوره آهن عام عالمگير بيماري آهي جاهين هرقسم بيمارين سان شامل ٿئي ٿي ۽ انسان جي جان انجي هٿان آخر پرواز ڪري وڃي ٿي.

(١) هر قسم جي تپن واسطي هي دُعا مشائخن جي معمول ۽

مجرب آهي.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۝ بَرَآءَةٌ مِّنَ اللهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ اِلٰي اُمِّ مُلْدَمٍ(١) الَّتِيْ تَأْكُلُ اللَّحْمَ وَتَشْرَبُ الدَّمَ وَتَهْشَمُ الْعَظْمَ اَمَّا بَعْدُ يَا اُمَّ مُلْدَمٍ اِنْ كُنْتِ يَهُوْدِيَةً فَبِحَقِّ مُوْسٰي الْكَلِيْمِ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَاِنْ كُنْتِ نَصْرَانِيَةً فَبِحَقِّ عِيْسٰي ابْنِ مَرْيَمَ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَاِنْ كُنْتِ مُوْمِنَةً فَبِحَقِّ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ اَنْ لَاَاَكَلْتِ لِفُلَانِ بْنِ فُلَانَةٍ لَحْمًا وَلَا شَرِبْتِ لَهٗ دَمًا وَلَاهَشَمْتِ لَهٗ عَظْمًا وَاَنْ تَتَحَوَّلِيْ عَنْهُ اِلٰي مَنِ اتَّخَذَمَعَ الرَّحْمٰنِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَاِلَّا فَاَنْتِ بَرِيْئَةٌ مِّنَ اللهِ بَرِيٌّ مِّنْكِ وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللهُ وَاللهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ط وَصَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَسَلَّمْ.

هي دُعا مونکي ته ياد آهي اوهين به ياد ڪريو پوءِ بيمارتي ڦيٽو وجهي ڇوڪاريو يا تعويذ لکي ٻڌو يا چيني لکي پياريو. جيسين تپ آهي تيسين ضرور استعمال ڪريو. فلان بن فلانة جي جاءِ تي اوهانکي نالا نه اچن ته هٰذالمريض چئجو يا حامل ڪتابي هٰذا لکجو.



هَي نقش به تپن جي واسطي مجرّب آهي
هَي نقش لکي بيمار جي سيراندي وهائي جي هينيان رکجي مجرّب آهي.

(١) ڄاڻڻ گهرجي ته ام ملدم عربي ۾ ڪنيت تپ جي آهي ۽ تپ عربي ۾ مونث سماعي آهي تنهن ڪري جيڪي صيغاهن دعا ۾ آن سڀ مؤنث ڪري استعمال ڪريو.

(۲) هر قسم جي تپ ۽ لَرْزَهُ جي واسطي هن نقش کي بيمارجي ڳچي ۾ ٻڌجي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | الله | الرَّحمٰن | الرَّحيم |
| الله | الرَّحمٰن | الرَّحيم | بِسْمِ |
| الرَّحمٰن | الرَّحيم | بِسْمِ | الله |
| الرَّحيم | بِسْمِ | الله | الرَّحمٰن |

(۳) نوع ديگر بيمار جي پٽ تي مس قلم سان بانگ لکي ۽ هن جي نراڙ تي قد قامت الصَّلوٰةُ لکي. جيڪڏهن بيمار اهل پرده جو هجي ته ڪاغذ تي لکي اهو ڪاغذ هنجي پٽ تي يا نراڙ تي چسپان ڪجي. چڱو آهي ته بهرحال ڪاغذ تي لکي ۽ ڪاڪوس وجڻ وقت انکي چولي ۽ چادر سان ڍڪي وجي ظاهر اکرن سان ڪاڪوس ۾ نه وڃي.

(۴) قرآن شريف مان آيتون تخفيف جو لکي تعويذ ڪري ٻڌي ته جلد شفاياب ٿئي "ذَالِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَرَحْمَةٌ (۱) يُرِيْدُ اللهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ج وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا (۲) اَلْئٰنَ خَفَّفَ اللهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا (۳) اوّل ۾ بِسْمِ اللهِ ۽ آخر ۾ درود شريف لکي ۽ هي آيت پڻ لکي قُلْنَا يَا نَارُ كُوْنِي بَرْدًاوَّ سَلٰمًا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ (۴)

(۵) اِها مذڪور آيت "قُلْنَا يَانَارُ كُوْنِيْ بَرْدًاوَّ سَلٰمًا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ" هر قسم جي تپن جي واسطي مجرب آهي. پڙهي ڦوڪاري يا تعويذ ڪري ٻڌي يا چيني تي لکي پيارجي.

(٦) بانگ جا ڪلما لکي ۽ انجي نراڙ تي قَدْقَامَتِ الصَّلوٰةُ لکي.

(۱) سورة بقره رکوع ۲۲ - (۲) سورة نساء رکوع ۵
(۳) سورة انفال رکوع ۹ - سورة انبياء رکوع ۵

هي فقير (راقم الحروف) چوي ٿو، ڪاغذ تي مس قلم سان بانگ لکي بيمار جي پٽ تي ڪٿونر سان چارئي ڪندون هُن جون ڇُهنائي پوءِ پيراهن مٿان پائي بهتر آهي.

**(٧) ڏاڍگو دم ڪيل تپ جي واسطي :-** بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سورة اَلَمۡ نَشۡرَحۡ شروع ڪري ۽ جتي ڪاف اچي اتي ڏاڍگي ۾ ڳنڍوجهي تان جو ٩ ڳنڍيون ٿيَنۡ ڪاف جي برابر اچن پوءِ اهو ڏاڍگو بيمار کي ڪبي ٻانهن تي ڪرائي ڪان مٿي ڏوري تي ٻڌي ڇڏي ته تپ ڇڏي وڃي.

**(٨) هر قسم تپ جي واسطي تعويذ:-** ڪٓهٰيٰعٓصٓ ○ ذِكۡرُ رَحۡمَتِ رَبِّكَ عَبۡدَهٗ زَكَرِيَّا ○ اِذۡ نَادٰي رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا ○ قَالَ رَبِّ اِنِّيۡ وَهَنَ الۡعَظۡمُ مِنِّيۡ وَاشۡتَعَلَ الرَّاۡسُ شَيۡبًا وَّلَمۡ اَكُنۡۢ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ○ (١) وَصَلَّي اللهُ عَلٰي خَيۡرِ خَلۡقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ. لکي ڳچي ۾ ٻڌي ۽ ٽن پرچن ڪاغذ جي تي يا پليتي تي يا محيطط الله الله لکي ٣ ڏينهن روزانه هڪ هڪ پائي ۾ پسائي پنجي انشاء الله تپ دفع ٿي ويندو.

**(٩) ٽِيَزُتپ جي واسطي تعويذ:-** ٽِيَزُتپ جي شروعات ۾ نوبت واري ڏينهن هڪ ڀيرو سورة رَعۡد پڙهي اول ۽ آخر ۾ درودشريف پڙهي دم ڪري انشاء الله صحت ٿيندي. هرٽن وارن ۾ دم ڪري اگرچه پهريئن يا ٻئي واري ۾ تپ ڇڏي وڃي. جيڪڏهن ٽي وارا دم نه ڪندو ته ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ وري تپ موٽي ايندو.

---

(١) سورة مريم رکوع نمبر ١

(١) مٿي جي سور لاءِ تعويذ **امراضِ سر**

٧٨٦

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح | يابدوح |

يا روح يا روح يا روح يا روح يا روح يا روح يا روح

صلي الله عليٰ خير خلقه مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ واصحابه اجمعين

مٿي ڄجي سور لاءِ هي آيت لکي مريض جي مٿي تي ٻڌجي، مريض شفا لهندو "فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْبِهٖٓ اَذًي مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْصَدَقَةٍ اَوْنُسُكٍ(٢) وَصَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي سَيِّدِنا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَسَلَّمْ .

(٣) سٺن اصحابن جا نالا لکي مٿي جي سورياڪ جي سور تي ٻڌجن. عبدالله، عروة، قاسم، سعيد، سعد، سلمان ، حارث ، مٿي جي سور لاءِ ڦيٿو رکندڙ هٿ پنهنجو مريض جي مٿي تي رکي هي ٣ ڀيرا پڙهي تہ سوردفع ٿي ويجي اُسْكُنْ اَيُّهَا الْوَجَعُ بِعِزَّةِ مَنْ لَهٗ مَاسَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ.

(٤) مٿي جو سورخواه اڌ مٿي جو سور هُجي يا سڄي مٿي ۾، هي تعويذ لکي سورجي جاءِ تي ٻڌي لَايُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَلَايُنْزِفُوْنَ(٢)

(١) سورة بقرة رکوع نمبر ٢٢ - (٢) سورة واقعه رکوع نمبر ١

اَعُوْذُ بِاللهِ مِنْ شَرِّ كُلِّ عِرْقٍ نَعَّارٍ وَمِنْ شَرِّ حَرِّ النَّارِ

(٥) سيني سورن جي واسطي هي آيت سڳوري بِسْمِ اللهِ سميت ٣ ڀيرا پڙهي دم ڪري يا ڪنهن تيل تي پڙهي انجي مالش ڪري ته سور دفع ٿي وڃي وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنَاهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ ط وَمَآاَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا○ (١)

## دماغ جي ڪمزوري واسطي

(١) هر نماز کان بعد مٿي تي هٿ رکي ، اسم شريف يَاقَوِيُّ ١١ ڀيرا پڙهي.

(٢) نگاه جي ڪمزوري واسطي هر نماز کان بعد اسم شريف يا نور ١١ ڀيرا پڙهي پنهنجن هٿن جي آڱرين تي ڦوڪاري پوءِ اکين تي گهمائي.

## سمجهه جي واڌاري لاءِ

(١) جيڪو هي دعا پنج ڀيرا هر نماز کان پوءِ پڙهي الله تعاليٰ انجي سمجهه کي زياده ڪندو اَللّٰهُمَّ اَكْرِمْنِيْ بِنُوْرِ الْفَهْمِ وَاَخْرِجْنِيْ مِنْ ظُلُمَاتِ الْوَهْمِ وَالْخَطَرَةِ وَوَسْوَسَةِ الصَّدْرِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ بِحَقِّ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَسَلَّمْ

(٢) جيڪڏهن ڪو شخص روزانه هي دعا پڙهندو الله تعاليٰ ان کي علم نصيب ڪندو جيڪي وساريو هونداٿين، اهو پڻ ياد ڏيندس "اَللّٰهُمَّ اَنْتَ الْعَالِمُ وَاَنَا الْجَاهِلُ فَمَنْ يَدْعُوا الْجَاهِلَ اِلَّا الْعَالِمُ يَارَبِّ○

## ذهن جي تيزي ۽ مطالعي جي ڪلڻ لاءِ

(١) اَللّٰهُمَّ نَوِّرْ قَلْبِيْ بِعِلْمِكَ وَاسْتَعْمِلْ بَدَنِيْ بِطَاعَتِكَ وَصَلَّي اللهُ

(١) سورة بني اسرائيل رڪوع نمبر ١٢

تعالىٰ عَلىٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عليہ. سبق شروع ڪرڻ کان اڳ ست ڀيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪري.

## امراض چشم

اکين جي سور لاءِ تعويذ

| | | |
|---|---|---|
| يابدوح | يابدوح | يابدوح |
| يابدوح | يابدوح | يابدوح |

ياروح - ياروح - ياروح - ياروح
ياروح - ياروح - ياروح

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ○ (١) وَصَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلىٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ.

اکين جي هرقسم بيمارين جي واسطي هي بيت، تعويذ ڪري نراڙ تي يا متي تي ٻڌجي.

اِذَا مَا مُقْلَتِيْ رَمَدَتْ فَكُحْلِيْ ... تُرَابٌ مَسَّ نَعْلَ اَبِيْ تُرَابٖ
هُوَالْبُكَاءُ فِي الْمِحْرَابِ لَيْلًا ... هُوَالضُّحَاكُ فِيْ يَوْمِ الْحِرَابٖ

## امراض دندان

ڏندن جي سور لاءِ:- ڏاڻ ۾ سور هجي تہ هي آيت لکي وَلِكُلِّ نَبَاٍ مُّسْتَقَرٌّ ط سور واري ڏاڙهہ (ڏاڻ) ۾ جهلي تہ سور دفع ٿي وڃي.

(١) سورة ق رڪوع نمبر ٢

# امراض ناف

تعويذ برائے بيجاشدن ناف يعني ڇکي لاءِ تعويذ



# امراض طحال

(١) يعني ٻرهل جي واسطي، ڪارامرچ تولوڪن وٺي صفاڪري ان تي ٧ ڀيرا سورة اِنَّا اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ۝ پڙهي هر بار ڇوڪاريندو وڃي پوءِ بيمار کي ڏجي تہ هر روز صبح جو ٧ داڻان انهي مان چباڙي پاڻي ڍڪ سان ڳڙڪائي.

**(٢) ٻي ترتيب ٻرهل جي وڃڻ واسطي:-** آچر جي ڏينهن ڇيڪي مٽي مان هڪڙي ٽڪي ٻرهل جي برابر ناهي ٻرهل تي رکي. پوءِ ساڄي هٿ ۾ چاقو کڻي ۽ سورة اَلَمۡ نَشۡرَحۡ بِسۡمِ اللهِ سان پڙهي انهي ٽکي کي چاقو سان وڍي. اهڙيطرح ست ڀيرا ڪري اوّل ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهي. اهڙي طرح ٣ آچر ڪم ڪري. ان شاءالله تعاليٰ ٻرهل دفع ٿي ويندي.

شريف) بِسْمِ اللهِ سان گڏ ست ڀيرا پڙهه جن ته بهتر جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته فقط بِسْمِ اللهِ صبح ۽ شام جو بدن تي (دن کان گوڏن تائين اڳيان پويان هٿ ڦيرائي) دم ڪري.

## امراض رياحي

بادي جي سور لاءِ تعويذ:- اَللّٰهُمَّ اَنْتَ الْبَاعِثُ وَاَنَا الْمَبْعُوْثُ وَمَنْ يَّدْعُ الْمَبْعُوْثَ اِلَّا الْبَاعِثُ يَارَبِّ وَصَلَّي اللهُ عَلٰي خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ لکي سور جي جاءِ تي ٻڌجي

(٢) جيڪڏهن ڪنهن ڪي عضون ۾ سورهجي ته هي آيت لکي پاڻي ۾ ڌوئي پيارڻ مرض کان ڇوٽڪارو لهندو. اِنَّ رَحْمَةَ اللهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ●

## سيني سورن ۽ بيمارن جي واسطي هي عَمَلُ مُجَرَّبَ آهن

مٿي ۾ سورهجي، اکين ۾ هجي، ڏندن ۾ هجي يا نانگ ۽ ٻئون جو ڏنگيل هجي ته بيمار ۽ پڙهندڙ هڪڙي وڻ جي هيٺان وهن. وڻ جي ڏڙتي ابجد، هوز، حطي جدا جدا اکر لکي هن صورت سان ا ب ج د هه و ز ح ط ي ۽ اوّل الف جي اکر تي لوهه جي کلي زور سان دٻائي جهلي ۽ بيمار سور جي جاءِ کي پنهنجي هٿ سان جهلي پوءِ عازم يعني ڦيٿون وجهندڙ سورة فاتحه بِسْمِ اللهِ سان پڙهي بيمار تي ڇوڪاري ۽ چوي ته هٿ پري ڪري خيال ڪر، جي سور ڇڏي ويو آهي ته چڱو نه ته وري ب تي کلي دٻائي جهلي ۽ عازم ٻه ڀيرا سورة فاتحه پڙهي ڇوڪاري وري هٿ پري ڪري پڇي ته

سور آهي يا نہ. مطلب تہ اهڙي طرح سيني اکرن تي عمل ڪري
جنهن اکر تي سور ڇڏي وڃي اتي ڪِلِيءَ سَجي ڏبائي مطرقه سان
ٺوڪي ڇڏي اميد تہ ذهين اکر کان سور ڇڏي ويندو. وڻ نہ هجي
تہ ديوار تي يا تختي تي بہ اهو عمل ڪري سگهجي ٿو.

**(٢) ٻي ترتيب:-** سيني سورن جي واسطي هن طرح ٿيٿو
وڃهي سور جي جاءِ تي عازم پنهنجو هٿ جهلي ۽ هي آيت پڙهي
ڇوڪاري. بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ
وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا○ اهڙيطرح سان ٣ ڀيرا پڙهي
ڇوڪاري يا لکي سور جي جاءِ تي ٻڌي.

(٣) يَا حَيُّ حِيْنَ لَا حَيَّ فِيْ دَيْمُوْمَةِ مُلْكِهٖ وَبَقَائِهٖ يَا حَيُّ.
جيڪڏهن ڪو ماڻهو سخت بيمار هجي ۽ طبيب هنجي علاج ڪرڻ
کان عاجزتي ويا هجن تہ اسم مذڪوره چيني جي پيالہ ۾ مشڪ ۽
زعفران سان لکي ۽ مصري جو شربت ڪري انهي شربت سان لکيل
پيالو ڌوئي جلد شفاياب ٿي ويندو ۽ سڀ درد والم دور ٿي ويندا ۽
ٻيا بہ خواص انهي اسم جا جواهر خمسہ شيخ محمد غوث گواليارئ
پنهنجي ڪتاب ۾ لکيا اهن. فَلْيَنْظُر ثَمَّه

(٤)سڀ ڪنهن مرض لاءِ هي دعا ست ڀيرا پڙهي مريض جي مٿان
دم ڪري اَسْاَلُ اللهَ الْعَظِيْمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَنْ يَّشْفِيَكَ - اهـ

(٥) حضرت خواجہ عبدالرحمنؒ سرهندي قدس سره گهڻن
مرضن واسطي لکندا هوا ڪهيعص حمعسق ھ ھ ھ ھ ھ =



۽ هي نقش بہ اسانجا والد صاحب ۽ ڏاڏا صاحب هر قسم
بيماري لاءِ سيني تعويذن ۾ لکندا هوا.

| | | |
|---|---|---|
| ٨ | ٣ | ٤ |
| ١ | ٥ | ٩ |
| ٦ | ٧ | ٢ |

**نقش مربع**
**اسم ذات**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٢٣ | ١٠ | ١٧ | ١٦ |
| ٢٠ | ١٣ | ٢٢ | ١١ |
| ١٤ | ١٩ | ١٢ | ٢١ |
| ٩ | ٢٤ | ١٥ | ١٨ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١ | ٤٦ | ١١ | ٨ |
| ١٢ | ٧ | ٢ | ٤٥ |
| ٦ | ٩ | ٤٨ | ٣ |
| ٤٧ | ٤ | ٥ | ١٠ |

**ٻي صورت منقول از "جواهر خمسه**
**شيخ محمد غوث گواليارِي**

هن نقش جي خاصيت ۾ لکيو ويو آهي ته جيڪڏهن هن نقش کي هن جي عدد موافق ٦٦ پيرا لکي ۽ ان کي ڌوئي جنهن مريض کي پيارجي يا آسيب واري کي ڌوئي پيارجي ته شفا ٿيندي اگرچه طبيب ان مريض جي علاج کان عاجز ٿيا هجن. جيڪڏهن بخار واري لاءِ تعويذ لکي ڳچي ۾ ٻڌجي ته شفاياب ٿيندو ۽ ٻيون خاصيتون به لکيون آهن

(٦) در مختار فقه جو وڏو معتبر ڪتاب آهي تنهن ۾ لکيو آهيس ته ڪو شخص طعام گهڻو کائي ۽ خوف نقصان جو پيدا ٿئي ته پنهنجي پيٽ تي هٿ گهمائي ۽ ٣ پيرا چوي ته اَللَّيْلَةُ لَيْلَةُ عِيْدِيْ وَرَضِيَ اللهُ عَنْ سَيِّدِيْ اَبِيْ عَبْدِاللهِ الْقُرْشِيْ ته انکي ڪو نقصان نه رسندو

## (٧) تعويذسڀ ڪنهن سور جي شفا لاءِ:-

هن آيت شريف کي ٣ ڏينهن لاڳيتو ڪاغذتي لکي پاڻي ۾ ڌوئجي ۽ ان پاڻي کي پيارجي ۽ سورواري جاءِ تي مهٽجي ان شاءالله تعاليٰ فائده منديندو. لَوْاَنْزَلْنَا هٰذَاالْقُرْآنَ عَليٰ جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللهِ ط وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ يَاشَافِيْ يَا شَافِيْ يَا شَافِيْ

## آيات شفا

شيخ عبدالحق محدث دهلوي شرح مشكواة ۾ لکيو آهي تہ امام ابوالقاسم قشيري چيو آهي تہ منهنجو پٽ سخت بيمار ٿيو تاڪ مرڻ کي ويجهو آيو. پوءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم کي خواب ۾ ڏٺم فرمايائون "ڪٿي آهين تون ڪنان آيات شفاجي" پوءِ قرآن شريف ۾ ڳوليم ڇهہ آيات شفا جون هٿ ڪيم.

(۱) وَيَشْفِ صُدُوْرَقَوْمٍ مُؤْمِنِيْنَ○ (۲) وَشِفَآءٌ لِمَافِي الصُّدُوْرِ (۳) يَخْرُجُ مِنْ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ لِلنَّاسِ ط (۴) وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَاهُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِلْمُؤْمِنِيْنَ (۵) وَاِذَامَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ (۶) قُلْ هُوَلِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ ط۔ پوءِ لکي ڌوئي هن کي پياريم، پوءِ چڱو ڀلو ٿيو. اهو ڳويا پيرن مان هنجي زنجير کلي وئي.

"اسانجا ابا ڏاڏا بہ اڪثر اهئي آيتون چيني جي ٿانوَ ۾ پياريندا هوا. بعضي چيني جاٿانوَ نہ هجن تہ ڪاغذ تي لکي ست ڏينهن پيارجن. هرقسم بيمارين لاءِ مُجرَّب آهي.

**مسئله:-** هي آيتون قرآن جون آهن لکڻ مهل ڌوئڻ مهل ڪوبہ بي وضو مالهو هن کي هٿ نہ لاهي "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" بہ آيت قرآن شريف جي آهي اها بہ بي وضو لکڻ درست نہ آهي آئون تہ پنهنجو نالو عبدالله بہ بي وضو نہ لکندو آهيان چو تہ ان ۾ اسم ذاتي الله جو آهي.

---

(۱) سورة توبه رکوع نمبر ۲ - (۲) سورة يونس رکوع نمبر۶
(۳) سورة نحل رکوع نمبر۹ - (۴) سورة بني اسرائيل رکوع نمبر۹
(۵) سورة شعراء رکوع نمبر۵ - (۶) سورة حم سجده رکوع نمبر۵

**(۲) نوع ديگر:-** شاه عبدالعزيز محدث دهلوي لکيو آهي تہ کهڙو بہ ماڻهو سخت بيمار هجي تہ هي عمل ڪري، صبح جو سنت ۽ فرض درميان ۴۱ ڀيرا سورة اَلْحَمْدُلِلّٰهِ پڙهي هن ترتيب سان جو ميم الرحيم جي کي اَلْحَمْدُ جي لام سان ڳنڍي يعني بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي ۽ پاڻي تي ڦوڪاري تہ شفاياب ٿئي.

هي فقير عرض ٿوڪري تہ بيمار پاڻ پڙهي نہ سگهي تہ ٻيو ماڻهو هن تي پڙهي ڦوڪاري.

**هر قسم بيماري جي واسطي تعويذ:-** اسانجا ڏاڏا حضرت خواجه عبدالرّحمٰن سرهندي قدس سره هر قسم بيمارن ٻارن ٻچن جي واسطي تعويذ هن طرح لکندا هوا.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بِسْمِ اللهِ الَّذِيْ لَايَضُرُّمَعَ اِسْمِه شَيْءٌ فِيْ الْاَرْضِ وَلَافِيْ السَّمَآءِ وَهُوَالسَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ.

| | | |
|---|---|---|
| ۴ | ۳ | ۸ |
| ۹ | ۵ | ۱ |
| ۲ | ۷ | ٦ |

## امراض رحم

### تعويذ برائے بقاءِ حمل

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يٰيَحْيٰي خُذِالْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ط وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا

| | | |
|---|---|---|
| ياقابض | ياقابض | ياقابض |
| ياقابض | ياقابض | ياقابض |
| ياقابض | ياقابض | ياقابض |

(۱) وَصَلَّي اللهُ تعالٰي عَلٰي خَيْرِ خَلْقِه سَيِّدِ نَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِه وَاَصْحَابِه اَجْمَعِيْنَ.

(۱) سورة مريم رکوع نمبر۱.

**ايضاً:-** جنهن زال جو ٻارپيٽ مان قبل از وقت ضائع ٿي وڃي تو ته هڪڙو ڌاڳو ڳاڙهي رنگ جو عورت جي قدسان برابر وٺي اچي ۽ انهيءَ تي ۹ ڳنڍيون ڏئي هرهڪ ڳنڊ تي هي آيت پڙهي چوڪاري وَاصْبِرْ وَمَاصَبْرُکَ اِلاَّ بِاللهِ وَلَاتَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَاتَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ○ اِنَّ اللهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ (١)

(٣) جيڪا زال هميشه ڌي ڄڻي ٿي ته نرينه اولاد ٿيڻ لاءِ حمل جي ابتدا ۾ هنجو مڙس هُجي يا ٻي ڪا عورت هُجي، هن جي پيٽ تي آگر سان گول دائره ڪڍي ۽ هر بار ياَمتين پڙهندو وڃي اهڙي طرح ۷۰ ڀيراڪري انشاءالله تعالىٰ فرزند نرينه پيدا ٿيندو.

**ٻي ترتيب:-** اولاد نرينه جي واسطي مجرّب آهي زال کي جڏهن حمل جي علامت پيدا ٿئي. ٻيو مهينو يا ٽيون مهينو هجيس ته مرد هنجي پيٽ تي هٿ رکي چوي "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ سَمَّيْتُ لَكَ مَافِيْ بَطْنِ هٰذِهِ الْمَرْأَةِ اَحْمَدًاوَمُحَمَّدً افَكَوِّنْهُ ذَكَرًا" ته پٽ پيدا ٿيندو.

اسانجي استاد مرحوم مولوي خير محمد مگسي کي هر سال پٽ پيدا ٿيندو هو. پاڻ ڳالهه ڪندو هو ته آئون هميشه اهو عمل ڪريان توءِ پٽ پيدا ٿئي تو. آئون ته اها دعا چيني تي لکي ڏيندو آهيان ته پاڻي ۾ ڌوئي پياريو. ڌارين زالن تي ٽيٽون وجهڻ مشڪل آهي.

## عقيمه عورت جي واسطي:-

يعني اها عورت جنهن کي اولاد اصل نٿو ٿئي ۽ حمل قائم نٿو رهي، انهي زال کي عربي ۾ عاقره چوندا آهن. چاليهه داڻا لونگن جا وٺي تنهن تي ست ڀيرا هي آيت شريف پڙهي دم ڪري بِسْمِ اللهِ

(١) سورة نحل رکوع نمبر١٩ - (٢) سورة نور رکوع نمبر٥

## فصل ڇهون سحر (١) آسيب (٢) ۽ ٻين آفتن جي علاج ۾

**مسئله:** سحر ۽ جادو جو تاثير صحيح ثابت آهي قرآن شريف ۾ مذڪور آهي ۽ خود سرور ڪائنات عليہ السلام تي هڪڙي يهوديه جو جادو ڪرڻ ۽ سندن طبيعت مبارڪ ڪيترا ڏينهن پريشان ٿيڻ ۽ سورة قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ، قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ جي نازل ٿيڻ ڪان بعد انهي سحر ڪان عافيت حاصل ٿيڻ جو صحيح حديثن ۾ بيان آيل آهي انهي ڪان ڪوئي مسلمان انڪارڪري نٿوسگهي. هائو اسان تي هي اعتقاد رکڻ فرض آهي. ٻئي ڳالهيون نفعو نقصان الله تبارڪ وتعاليٰ جي قدرت سان ۽ حڪم سان ٿئي ٿو. وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعالیٰ انسان ڪي ڪنهن ڪي جيارڻ يا مارڻ جي طاقت نہ آهي.

باقي هي مسئلو، جدا سوال آهي تہ سحر ڪرڻ ناجائز، حرام ۽ ڪبيرو گناه آهي يا نہ، سو بيشڪ وڏو گناه ۽ حرام آهي مگر تأثير تہ ضرور انهي ۾ آهي جئين دوائون ڪي سخت زهريات آهن اُهي ڪائڻ، ڪارائڻ مائهن ڪي انهي سان مارڻ گناه ۽ حرام آهي يا تراڙ ۽ بندوق ۾ تاثير وڌڻ ۽ مارڻ جو خدا تعاليٰ خلقيو آهي هنن ڪي ناجائز طريقہ ۾ استعمال ڪرڻ سخت ممنوع آهي اهڙيطرح وظيفن ۽ دعائن سان.

اسان هي مسئلو تعويذات جي ڪتاب ۾ هن ڪري لکيو آهي تہ هن ملڪ بلوچستان ۾ هي فتنو فساد جادو ڪرڻ جو عام آهي زال مڙس شادي شده ڪي جادو ڪري اهڙو بند ڪن تا جو هو وري

---

(١) جادو - (٢) جنات جو اثر

بالڪل معذور ٿين ٿا ۽ صحبت تي قادر نٿا ٿين، عوام ته ڇهيو پر ڪي پڙهيل ماڻهو مُلاَ ۽ آخوند به اهڙا ڪم، ڪبيرا گناه ڪندا آهن. بالڪل توبه ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجن پيسن جي واسطي پنهنجو ايمان نه وڃائجي.

**سحر ۽ جادو جي واسطي :-** هاڻي اسين هن جي دفع ۽ باطل ڪرڻ لاءِ ڪي دعائون ۽ تعويذ لکون ٿا جنهن جي وسيلہ هن مصيبت کان هو ڇوٽڪارو لهن.

**تعويذ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه :-** اسانجي حضرت قبله گاه جو معمول هو. حضرت امير المؤمنين علي ابن ابي طالب ڪَرَّمَ الله تعاليٰ وجهه کان منقول آهي ته جيڪو هن طلسم کي پاڻ سان رکندو جادو ۽ مصيبت ۽ مرضن کان الله تعاليٰ جي حفاظت ۾ هوندو. عزت ۽ آبرو سان ٿيندو. فتوحات غيبي وفيوضات لاريبي انجي مٿان سامهون ٿينديون. هي آهي.



هن طرح هڪڙي سٽ ۾ لکجي



| | | |
|---|---|---|
| ٨ | ٣ | ۴ |
| ١ | ۵ | ٩ |
| ٦ | ٧ | ٢ |

منقوله ازڪتاب فوائد عثمانيه مطبوعه مطبع صديقيه ملتان شهر

عمل (٢) سورة فاتحة الڪتاب وآية الڪرسي ۽ چار قل يعني قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ - قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ ○ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ○ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ○ هي سڀ سورتون ۽ آيت الڪرسي پڙهي دم ڪري ارضي ۽ سماوي آفتن ۽ بلائن لاءِ بيحد مفيد آهي. خصوصاً سحر ۽ جادو ۽ نانگ ڏنگيل لاءِ گهڻو تجربو ڪيل آهي، سحر ۽ جادو لاءِ ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا پڙهي سڄي بدن تي دم ڪجي ۽ نانگ جي زهر لاءِ لوڻ تي دم ڪري نانگ ڏنگيل کي کارائجي ۽ ڏنگ واري جاءِ تي مهٽجي ۽ ڇتي ڪتي جي اثر دفع ڪرڻ لاءِ سواءِ آيت الڪرسي جي باقي سورتون پڙهي دم ڪري مجرّبات مان آهي.

عمل (٣) سورة فاتحة الڪتاب وَ قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ وَ قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ○ وَقُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ○ وَ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ○ وَاِنْ يَّكَادُالَّذِيْنَ كَفَرُوْلَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنَ ○ وَمَا هُوَاِلَّاذِكْرٌلِّلْعٰلَمِيْنَ ○ (١) وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ ط اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ كُلِّهَا مِنْ شَرِّ مَاخَلَقَ بِسْمِ اللهِ الَّذِيْ لَايَضُرُّ مَعَ اِسْمِهٖ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ. الٰهي بحرمت حضرت حاجي دوست محمد صاحب قندهاري قدسنالله تعالىٰ بسره الاقدس اَللّٰهُمَّ اشْفِ بِصَاحِبِ هٰذِهِ الْمَرَضِ بِحَوْلِكَ وَقُدْرَتِكَ وَجَبَرُوْتِكَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ هن مجموعه کي پڙهي دم ڪري ۽ پاڻي تي دم ڪري پياري. سيني مرضن ۽ بيمارين ۽ ڏکن ۽ دفع جن ۽ آسيب جي اثر ۽ نظربدوغيره لاءِ بيحد مفيد آهي.

---

(١) سوة ن والقلم رڪوع نمبر٢

**عمل (۴)** بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَاتِ مِنْ غَضَبِهٖ وَعِقَابِهٖ وَمِنْ شَرِّ عِبَادِهٖ وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيْنَ وَاَنْ يَحْضُرُوْنِ بِسْمِ اللهِ الَّذِيْ لَايَضُرُّمَعَ اِسْمِهٖ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَهُوَالسَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ۝ يَا شَافِيْ يَاشَافِيْ وَصَلَّي اللهُ تَعالي عَلٰي خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ.

سخت بيماري لاءِ لکي ڏوري يا ڳچي ۾ ٻڌجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي سڄي وجود يا عضون تي جادو ڪيل هجي ته پوءِ هن تعويذ کي ڪاغذ تي لکي پاڻي ۾ ڌوئي پيارجي ۽ ڪجهه باقي پاڻي ڪڙي تيل ۾ وجهي انهي تيل سان سورجي جاءِ کي مالش ڪجي بفضله تعالي کل خير تي ويندو.

**عمل (۵)** جادو ۽ سحر جي دفع لاءِ:- جيڪڏهن ڪنهن جي مٿان سحر، جادو ڪيو ويو هجي ته پيالہ ۾ پاڻي وجهي. سورة اعراف جي آيت حوالہ (١) فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَاكَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝ فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ۝ وَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ۝ قَالُوْآ اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ رَبِّ مُوْسٰي وَهٰرُوْنَ ۝ ۽ سورة يونس جي آيت حوالہ (٢) فَلَمَّآ اَلْقَوْاقَالَ مُوْسٰي مَاجِئْتُمْ بِهِ السِّحْرُ ط اِنَّ اللهَ سَيُبْطِلُهٗ ط اِنَّ اللهَ لَايُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ۝ وَيُحِقُّ اللهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْكَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۝ سورة طٰهٰ جي آيت حوالہ (٣) اِنَّمَا صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ ط وَلَا يُفْلِحُ السَّاحِرُ حَيْثُ اَتٰي ۝ پڙهي پاڻي تي دم ڪري ۽ انهي پاڻي سان مريض جي مٿي ۽ منهن تي ڇنڊا هڻن جادو ۽ سحر جو اثر باطل ۽

(١) رکوع نمبر ١۴ - (٢) رکوع نمبر ٨ - (٣) رکوع نمبر ٣

زائل ٿي ويندو.

عمل (٦) جنن ۽ غيبات جي اثرات ۽ شيطان جي شرارت جي دفع لاءِ خواه بدن انسان جي ۾ هجي خواه پٿرن، پترن اجلائڻ سان ۽ ٻاهن ڏيڻ سان هجي. آيت الڪرسي ۽ معوذتين ۽ بانگ جا ڪلما وڏو اثر رکن ٿا. جيڪڏهن مريض پڙهيل نہ هجي تہ ٻيو ڪو ماڻهو پڙهي مٿس دم ڪري ۽ ٻي دعا مشهور حرزابي دجانہ بہ مشائخن جو معمول آهي اها دعا لکي ڳچي ۾ ٻڌڻ، مريض تي دم ڪرڻ، پاڻي پڙهي پيارڻ هر طرح معمول آهي جيڪڏهن جنّن جي شرارت ڪنهن جاءِ ۾ هجي تہ ڪنهن پاڪ ٺڪري ڪاٺي جي يا ڪاغذ تي لکي انهي جاءِ ۾ ٽنگي بہ امرِ اللهِ سبحانه وتعالىٰ جنّن جو آزار دفع ٿي ويندو. اِها دُعا هي آهي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ مِنۡ مُحَمَّدٍ رَّسُوۡلِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ اِلٰيٓ مَنۡ طَرَقَ الدَّارَ مِنَ الۡعُمَّارِ وَالزُّوَّارِ اِلَّا طَارِقًا يَّطۡرُقُ بِخَيۡرٍ يَا رَحۡمٰنُ اَمَّا بَعۡدُ فَاِنَّ لَنَا وَلَكُمۡ فِي الۡحَقِّ سَعَةً فَاِنۡ تَكُ عَاشِقًا مُّوۡلِعًا اَوۡمُقۡتَحِمًا مُّوۡذِيًا فَهٰذا كِتَابُ اللهِ يَنۡطِقُ عَلَيۡنَا وَعَلَيۡكُمۡ بِالۡحَقِّ اِنَّا كُنَّا نَسۡتَنۡسِخُ مَاكُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ وَرُسُلُنَا يَكۡتُبُوۡنَ مَاتَمۡكُرُوۡنَ اُتۡرُكُوۡا صَاحِبَ كِتَابِيۡ هٰذا وَانۡطَلِقُوۡا اِلٰي عَبَدَةِ الۡاَوۡثَانِ وَاِلٰي مَنۡ يَّزۡعَمُ اَنَّ مَعَ اللهِ اِلٰهًا آخَرَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ كُلُّ شَيۡءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجۡهَهٗ ط لَهُ الۡحُكۡمُ وَاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ حٰمٓ لَا يُنۡصَرُوۡنَ حٰمٓ تَفَرَّقَ اَعۡدَآءُ اللهِ وَبَلَغَتۡ حُجَّةُ اللهِ وَلَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ فَسَيَكۡفِيۡكَهُمُ اللهُ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ وَصَلَّي اللهُ تعالىٰ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

**تعويذ اسماءِ اصحاب ڪهف:-** اصحاب ڪهف جا نالا لکي جاءِ ۾ يا ٻيڙي ۾ يا سامان ۾ يا پاڻ وٽ رکي برڪت لاءِ ۽ ٻوڏ،

سوڪ، چوري ۽ ڌاڙي کان امن امان ۾ رهڻ لاءِ وغيرها بيمارين ۽ ٻين حاجتن جي روائي لاءِ مجرّب آهي.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۞ اِلٰهي بحرمت يمليخا - مَثلينا - مَکَشلمينا - مَرنوس - دَبَرنوش - شَاذنوش - کَشطيطنوش - واسم کلبهم قطمير-١٢

**ڌاڙو آسيب، جن واسطي:-** ٻارهن تارون ڪاري سٽ جون پانيري رنگ جو ڏيگڙ جي ڊيگهه سان وٺي انهي تي هي آيت سڳوري اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۞ وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ۞ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا۞ (١) ٤١ پيرا پڙهي هر هڪ پيري سان ڌاڳن تي دم ڪري ڳنڍ ڏيندو وڃي تان جو ٤١ ڳنڍيون ڌاڳن کي اچي وڃن اِهو ڌاڳو آسيب زده جي ڳچي ۾ ٻڌجي.

## تعويذ واسطي دفع وبا ۽ طاعون جي ۽ واسطي دفع بيمارين چوپاين جي بـ مجرب آهي

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِلاهي بحرمت حضرت خواجه محمد صادق بن شيخ احمد فاروقي سرهندي قدس سر بما دارنده اين كلمات

راز اصابت وبا و طاعون نگهدار الامان الامان الامان يا حضرت شيخ عبدالقيوم جانباز بلا گردان

لِيْ خَمْسَةٌ اُطْفِيْ بِهِمْ حَرَّ الْوَبَاء الْحَاطِمَه

المصطفي والمرتضي وَابْنَاهُمَا وَالْفَاطِمَه

---

(١) سورة الطارق

اَللّٰهُمَّ احْفِظْ وَبَارِكْ فِيْ هٰذِهِ اللَّبَنِ وَالزُّبْدَةِ وَاحْفِظْ يَاحَفِيْظُ هٰذِهِ الزُّبْدَةَ مِنْ كُلِّ شَرٍّ وَنُقصَانٍ بِحُرْمَةِ يَمْلِيْخا، مكسلينا، مكسلمنا، مرنوش، دبرنوش شاذنوش، كشفوطس، قطمير، وَعَلَي اللهِ قَصْدُ السَّبِيْلِ وَمِنْهَاجَائِرٌ ط وَلَوْشَآءَ لَهَدَاكُمْ اَجْمَعِيْنَ ○ (١)

## ترتيب چور جي پيدا ڪرڻ جي

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يٰبُنَيَّ اِنَّهَآ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍمِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْفِي السَّمٰوٰاتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَأْتِ بِهَااللهُ ط يَأْتِ بِهَااللهُ ط يَأْتِ بِهَااللهُ ط (٢)

تصفيق ڪري به.ي ٣ دفعا تاڙي هڻي ۽ ٣ دفعا آيت شريف پڙهي ۽ سورة يٰسٓ پڙهي ڳاڙهو رومال هٿ ۾ ڪٽي ان کي وٽيندو رهي، جڏهن سورة پوري ٿئي. سوٽي وڏي ان ۾ ٽنبي جيئن رومال جي سيني تهن مان لنگهي وڃي، پوءِ ڳري بار هيٺان رومال کي رکي جڏي تہ چور کي اهڙي پريشاني ۽ دهشت ٿيندي جو پاڻهي چورايل شيءِ موٽائي ڏيندو ان شاءالله تعاليٰ مجرّب آهي. از شيخ مظهر مدني.

گم ٿيل يا چورايل مال لاءِ هي دعا ٽي ڏينهن ٣ ڀيرا پڙهي ڇهن طرفن ڏانهن شوڪاري گم ٿيل مال جي پيدا ٿيڻ لاءِ مجرب ۽ مشائخن جو معمول آهي.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ةُ اَللّٰهُمَّ اِنَّ الْاَرْضَ اَرْضُكَ وَالسَّمَآءَ سَمَائُكَ وَمَابَيْنَهُمَا لَكَ فَاجْعَلْ ذَالِكَ كُلَّهٗ اَضْيَقَ عَلٰي مَنْ ذَهَبَ بِهٖ حَتّٰي يَرُدَّهَا اِلَيَّ اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبُّ مَنْ فِي الْاَرْضِ وَرَبُّ مَنْ فِي السَّمَآءِ قَادِرٌ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ وَغَالِبٌ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ رَادُّالضَّالَّةِ وَتَهْدِيْ مِنَ

(١) سورة نحل رڪوع نمبر ١ - (٢) سورة لقمان رڪوع نمبر ٢

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَنْ مَّنْ سِوَاكَ

اها هيٺين دعا ياد ڪري هر روز نماز کان بعد ٣ ڀيرا پڙهجي ته رزق ڪشادو ٿئي ۽ قرضن کان آزادي ملي.

## بقيه فوائد مختلف

**نانگ جي زهر وڃائڻ لاءِ عمل:-** فاتحہ سورة جو پڙهڻ مجرب آهي، ست ڀيرا پڙهي پاڻي تي دم ڪري ڏئي يا ڏنگ واري جاءِ تي دم ڪري.

**ڀئون (وڇون) جي ڏنگ لاءِ عمل:-** ڀئون (وڇون) جي ڏنگيل کي جتي جتي سور هجي ان جاءِ تي هٿ رکي. پوءِ دم ڪندڙ التحيات ست ڀيرا پڙهي ۽ سور واري جاءِ تي دم ڪري ۽ ٿورڙي پاڻي تي به دم ڪري ان پاڻي مان ٿي ڍڪ پئي ۽ ٽي ڀيرا ان عضوي کي زمين تي هٽي دم ڪندڙ، مريض کان پڇي ته هاڻي سور ڪٿي آهي. جتي سور هجي اتي هٿ رکي مٿين ترتيب سان عمل ڪري، دم ڪندڙ ٽڪرو ٽڪرو ان عضوي تي هٿ گهمائيندو رهي. ٽن ڀيرن جي تڪرار کان اڳيئي ان شاءالله تعاليٰ درد دفع ٿي ويندو.

**چتي ڪتي جي ڪاڌل لاءِ عمل:-** ماني جي چاليهن ٽڪرن تي هي آيت لکي اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۝ وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ۝ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ۝

روزانہ هڪ هڪ ٽڪرو چتي ڪتي جي ڪاڌل کي چاليهه ڏينهن کارائجي ان شاءالله تعاليٰ تڪليف کان ڇوٽڪارو لهندو.

## ذكر طريقہ كيفيت ختم حضرت غوث الثقلين شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنہ واسطي حصول جميع مقاصد ۽ ديني ودنوي حلّ مشكلات لاءِ مجرّب آهي

اوّل درود شريف سَؤُ ڀيرا پڙهي پوءِ "حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ" سواءِ زيادتي لفظ "نِعْمَ الْمَوْلٰي وَنِعْمَ النَّصِيْرُ" جي پنج سَؤُ ڀيرا پڙهي پوءِ ورِي درود شريف سو ڀيرو پڙهي تاڪِ مطلب حاصل ٿئي ۽ مشڪلات حَلُ ٿِيءِ.

تمت بالخير

# مُناجاتُ بدرگاهِ قاضیُ الحاجاتُ

بتوسّل

## مشائخ نقشبندیه وسلسلهٔ حضراتُ مجددیه

از

## سیّدنا حضرت صِدیق اکبر رضی الله تعالیٰ عنه

تا

## حضرت خواجه غلام علي جان مجددی قدس سرہٗ

از قلم

## قیوم الزمان حضرت خواجه شاه آغا سرهندی قدس سرہٗ

حمد اوّل ۾ چوان ربُّ العُلیٰ (١) جي واسطي،

شُکر بيحد خالقِ ارض و سما جي واسطي.

پوءِ چوان دل جان سان لک لک صلواتون ۽ سلام،

سِیّدُ الکونین ختمُ الانبیاءِ جي واسطي.

کر کرم مون تي خدايا مصطفیٰ (٢) جي واسطي،

حضرت صديق (٣) اکبر باصفا جي واسطي.

رک سلامت دين ۽ ايمان منهنجو اي خدا،

حضرت سلمان (٤) فارس پارسا جي واسطي.

نيک کر قسمت اسان جي ۽ سعادت کر نصيب،

حضرت قاسم (٥) امام الاتقيا جي واسطي

صادقن سان حشر ڪر منهنجو اِلٰہُ العالمِين،
جعفر (٦) صادق اِمامُ الاَوْلياءَ جي واسطي.

ڪر زياده دين ۽ ايمان اسان جو باليقين،
بايزيد (٧) بوسطامي پيشوا جي واسطي.

بوالحسن (٨) سو خارقاني شهر جو ساڪن جو،
صاحبِ ڪشف وڪرامت مقتدا جي واسطي.

حضرت شه (٩) بوعلي عالي حسب عالي نسب،
صاحبِ علم وعمل نورالهدیٰ جي واسطي.

حُسنِ ظاهر حُسنِ باطن شيخ يوسف (١٠) کي هيو،
ڏي اسان کي حُسن ہُجي اُن مَہٗ لقا جي واسطي.

عبد (١١) خالق غجدواني هو امامُ العارفِين،
خلق جو رهبر ٿيو خاص خدا جي واسطي.

معرفت پنهنجي عطا ڪر ۽ محبت ڪر نصيب،
پير ڪامل عارفِ (١٢) راهِ هُدیٰ جي واسطي.

نيڪ بختي ڪر عطا ۽ عاقبت محمود ڪر،
حضرت محمود (١٣) شاهِ اصفيا جي واسطي.

سلسله جو پير ڪامل هو علي (١٤) راميتني،
حضرتِ باباسماسي (١٥) باصفا جي واسطي.

پير پيرن جو ڏو هو سيّد مير ڪلال (١٦)،
ڪم ڪندو هو ڪنڀار ڪو هو بي ريا جي واسطي.

نقش بندِ نقشبندان هو بهاءالدين (١٧) ولي،
تنهن کيو روشن طريقو هي خداجي واسطي.

دل ۾ ذڪرِ حق جو چرخو چوريان هر روزشب،
حضرت يعقوب (١٨) چرخي پيشوا جي واسطي.

بند نفس و قيد شيطان کان خدا آزاد ڪر،
خواجهٔ احرار (١٩) شاهِ بي رِيا جي واسطي.

زُهد ۽ تقويٰ طهارت علم ۽ حلم وحيا،
زاهد (٢٠) ودرويش (٢١) وخواجه اَمڪنه (٢٢) جي واسطي.

ڪر بقا بالله سان موصوف فاني غير کان،
شيخ عبدالباقي (٢٣) باقي بقا جي واسطي.

جنهن کيو روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيئو،
تنهن مجدّد (٢٤) الف ثاني مقتدا جي واسطي.

ڏي اسان کي يا الاهي تون گناهن کان پناه،
خواجهٔ معصوم (٢٥) اوّل حق نما جي واسطي.

رنگ اسان کي دين ۽ ايمان جو ڏي اي خدا،
صبغة الله (٢٦) شاهِ بي رنگ و ريا جي واسطي.

شاه اسماعيل (٢٧) جو هو صاحب تقويٰ عجيب،
جنهن ڪئي قربان جان تنهن جان فدا جي واسطي.

خواجهٔ معصوم (٢٨) ثاني شه غلام محمد (٢٩) ولي،
صاحبِ فيض وڪرامت باصفا جي واسطي.

دل اسان جي صاف ڪر، زنگ ظلمت دور ڪر،
شه صفي الله (۳۰) امام الاصفيا جي واسطي.

شاه فضل الله (۳۱) جو ٿيو فيض جاري سنڌ ۾،
فضل ڪر يارب اسان تي اولياء جي واسطي.

حضرت شه عبد (۳۲) قيوم هو انهن جو جانشين،
صاحبِ علم و عمل فيض و هُدىٰ جي واسطي.

حضرتِ شه عبد (۳۳) رحمٰن هو سراج اولياء،
آفتابِ معرفت نورالهُدىٰ[1] جي واسطي.

هو اَبُو ۽ پير اسان جو مخلصن تي مهربان،
حضرتِ خواجه حسن (۳۴) جان رهنما جي واسطي.

هيترن پيرن ولين کي اِلٰـه العالمين،
تنهنجي در تي ميرٌ آندم التجا جي واسطي.

آهيان بيڪار ۽ بدڪار ڏاڍو بي عمل،
ڪوڙ ڪيو ڪوموٽ عمل خالص خدا جي واسطي.

نفس پرور بي اثر ڪاهل ڪمينو آهيان،
ڏي موں کي توفيق تون حمد و ثنا جي واسطي.

نا اميدي ڪا نه ڪر اي شاه آغا شاد رهه،
فضل هن جو آهي دافع هر بلا جي واسطي.

يا الٰهي لُطف ڪر يلا ئِي، درد دل جا دُور ڪر،
حضرتِ سائين علي جان رهنما جي واسطي.

[1] هي بيت عبدالوحيد جان سرهندي جو پنهنجي ڏاڏي قدس سره لاءِ چيل آهي.

سڀ مرادون پوريون ڪر ۽ دُعائون مستجاب،
تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي.

اهل ۽ اولاد اسان جو شاد رک آباد رک،
اهل بيت مُصطفىٰ خَيرُالوَرىٰ جي واسطي.

پرم رک يارب اسان جو ننگ ۽ ناموس پڻ،
فاطمه بنت النَّبي خَيرُالنِسَاءِ جي واسطي.

سڀ مريدن مخلصن کي رک سلامت اي خدا،
غازين بدر و حنين و ڪربلا جي واسطي.

آفتون سڀ دور ڪر ۽ گهر سندن معمور ڪر،
۽ دل سندين مسرور ڪر حمد و ثنا جي واسطي.

مشڪلات آسان ڪر ۽ دشمن کان ڏي پناه،
حرمتِ شيرِ خدا مُشڪل ڪُشا جي واسطي.

---

١ - قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ اللّٰهُ الصَّمَدُ. لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ. وَلَمْ يَكُنْ لَّهُ كُفُوًا اَحَدٌ.

٢ - سرورِ ڪائنات محمّد صلى الله عليه وآله وسلم وفات سن ١١ھ مدينه شريف ۾، مادهٔ تاريخ لفظ هو.

٣ - حضرت ابوبڪر صديق رضى الله عنه خليفهٔ اوّل وفات ١٣ھ مدينه شريف ۾، مادهٔ تاريخ لفظ: احد

٤ - حضرت سلمان فارسي وڏو اصحابي هو، سندس عمر ١٥٠ ورهيه هئي، وفات مداين شهر ۾ ٣٣ھ ۾ ٿي.

٥ - وڏو عالم، محدث ۽ فقيه هو. سندس وفات ١٠٨ھ مدينه شريف ۾، مادهٔ تاريخ: حق.

